# ڪرنڊڙ ديوارون

سنڌي ناول

***Kirandar Deewarun***

*(Sindhi Novel)*

## سندري اُتمچنداڻي

Sundri Uttamchandani

www.sundriuttam.com

www.sindhisangat.com
Download free Sindhi movies from
www.sindhisangat.tv

ديپڪ پڇاڙيءَ واري خط ۾ لکيو هو، "بابا، دڪان ۾ مال ايترو ٿورو آهي ۽ بازار جو قرض ايترو بينو آهي، جو جهنگ منهن ڏيئي وڃڻ کان سواءِ ٻيو چاڙهوئي ڪونهي."

گوپالداس سڄي جواني "جاوا" ۾ دڪان جمائڻ تي وڃائي هئي. ان لاءِ ته ديپڪ سامليو ته ان کي دڪان سونپي، پاڻ اچي ديس پيڙو ٿيندو ۽ پيريءَ ۾ سکيو ٽڪر کائيندو. پر ديپڪ جي هٿن ۾، پنجن سالن اندر ئي، دڪان جو هڏ پورو ٿي ويو. جنهن ڏينهن ديپڪ جي گم ٿي وڃڻ جي خبر حيدرآباد ۾ پهتي، ان ڏينهن کان وٺي، هن خاندان جي چڻ شام اچي ويئي.

گوپالداس جي عمر ڪا هرويرو وڏي ڪانه هئي ته به مٿين واقعي بعد، هينئر اٿندو هو ته چيلهه کي هٿ ڏيئي، ڳالهائيندو هو ته ڪنگهه جو دورو پئجي ويندو هئس. ڏک به ڪو اهڙو جهڙو ڪين لڳو هئس. جائداد وڪامي ويئي. ان جائداد جي زور تي ريڪا کي ويهه ورهيه لاڏ ڪوڏ سان نپايو هئائين ۽ پندرهن هزار خرچي وڏي ڏيءَ سيلونتيءَ کي ماهوار چار سئو رپيا ڪمائيندڙ گهوٽ وٺي ڏنو هئائين.

گوپالداس هينئر مسواڙي جڳهه ۾ رهڻ لڳو هو. جيڪي پڪيون پاڪيجيون، ڏوهٽيون ڏينهن جا ڏينهن ٽڪيون ئي پيون هونديون هيون. تن کي هينئر فقط وڏن ڏينهن تي به مشڪل سان ڪوٺايو ويندو هو. ريڪا جي پيءُ جي دوستن به اچ وڃ بند ڪري ڇڏي هئي. هو جڏهن اڪيلو ٿيندو هو، تڏهن ننڍڙي پوٽي کي هنج ۾ ڪٽي چوندو هو، "پٽ، داڻا خلاص ٿي ويا ته پکيئڙن جو پتو به ڪونهي. اچ ته اسين ٻئي لوڏيئي راند ڪري دل وندرايون." ٻالڪ پڇندو هو، "ٻلبا، منهنجهو دادا مون سان راند ڪرڻ ڪڏهن ايندو؟" پيرسن چهري تي غم جون گهٽائون ڇانئجي وينديون هيون. اکين جون ڪندون اگهي چوندو هو، "پٽ، جڏهن هن جي مئدم مري ويندي، تڏهن ايندو." اهڙي وقت، گوپالداس جو اندر وارو لڇي لڇي پڇي اٿندو هو، "هن ٻيهم ڪهڙو پاپ ڪيو جو سندس ماءُ ته ڪيس ٻاروتڻ ۾ ئي ڇڏي ويئي. هلئي ڏائي پيءُ، سو به الاهي ڪهڙي ڪوٽ ۾ وڃي قلبو ٿيس. ريڪا جي ماءُ، جڏهن ديپڪ جي فوٽي ڏانهن نهاريندي هئي، تڏهن ڪيس ايئن لڳندو هو، چڻ سندس اکين مان روشني موڪلائي رهي آهي. ريڪا پنهنجي ڪمري ۾ يڪتاري کي جهنجهنئيندي، جڏهن چوڻ شروع ڪندي هئي، "برها جا لاءِ آگن لڳئي، جڏهن ڏسئن ۾ اونداهي..." تڏهن گوپالداس ڪان ٻيل سڏڪو نڪري ويندو هو. ڪڏهن جو ريڪا جي ماءُ جا اجهل آنسو پٽ تي ڪري پوندا هئا، ته گوپالداس چوندو هو، "ريڪا جي تقدير ۾ نه هو، ريڪا جي تقدير ۾ نه هو، نه ته مان جيڪر هن کي اهڙو گهر وٺي ڏيان ها جو جڳ ريسون ڪري ها."

اوچتو ملڪ تي هڪ طوفان اچي ڪڙڪيو. ورهاڱي جو طوفان. پهرين ته ماڻهن ۾ هراس چلئنجي ويو. پوءِ اچي سيني ۾ پچ پچان پيئي. حيدرآباد جون گهٽيون گهوٻا سجا ٿيڻ لڳا. ريڪا جي ماءُ چوڻ لڳي، ” اڳي پليگ جي بيماري پوندي هئي ته به ماڻهو هيئن ڪونه ڀڄندا هئا. اجان ٿيو ڇا آهي جو سڀ ڪو هٽ پٽڻ ٻند ڪري يا ڦل مٽ تي نيڪال ڪري ڀڄندو ٿو وڃي.“ گوپالداس ڪيس اخبارن مان ٽڪرا پڙهي ٻڌائڻ لڳو ته لاهور ۽ امرتسر ۾ ڪيئن ڏن ۽ جوان استرين جي لٽ مار ٿي رهي آهي. ٻنهي زال مڙس جون اکيون يڪدم ريڪا جي گوري گوري جسم ۽ جوانيءَ جي نشي ۾ چور ٿيل نئينن تي ڪپي ويندين هيون. ماتا جو هردو ڪنبي اٿندو هو. جڏهن ريڪا ٻار هئي، تڏهن به رڪمڻي ڪيس پاڻ سان ڪٺي وٺي نڪرندي هئي ته سيڪو چوندو هئس. ”رڪمڻي، هيءَ ڌيءَ ته ڪير پي جڻي اٿيئي.“ ان وقت ماءُ جو ڌيءَ لاءِ سنهيه اجا به وڌي ويندو هو. هوءَ دل ئي دل ۾ چوندي هئي ته منهنجي هن ڪومل ڪليءَ کي شل ڪوسو واءُ نه لڳي.

اهڙي ئي هڪ ڏينهن ريڪا جي پڦيءَ اچي پاءُ کي چيو. ”دادا، توهان ڪٺي ڪيڏا به گهاٽا پاتا آهن، ته به ٿورو گهٽو ته پيو اٿو. جو اهڙي ڪا ٻري لٿي ته سولائي سان پاڪستان مان نڪري سگهندا. قرض مرض ڪان آجا آهيو. مون کي ته هڪڙو سئو ٻه ٻه هٿ ۾ ڪونهي جو نياڻين کي وٺي نڪري وڃان.“

پاءُ چيو. ”ڪڪي، لئين نه چئه. تنهنجون نياڻيون ته اجان ننڍيون آهن. جنهن گهر ۾ جوان ڌيءُ آهي، ان کي قرض ئي سمجهه. ٻين قرضين کي ته جلئداد وڪڻي منهن ڏنم. پر ريڪا لاءِ هڪڙا ڏهه هزار بچن ها، ته به مان هن پچ پچان ۾ هي رت گهر ۾ ڪين ويهاري ڇڏيان ها. پر ڪڪي دل وڏي اٿم. توکي سئو به ڏيندي ڪونه هچڪندس.“

پيڻ ڪنهن ٻار هيٺان ٻجي ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو. چيائين. ”ادا، هڪڙي ڳالهه چوانءِ، جي توهان کي نه وڻي ته دل ۾ نه ڪجو.“

”ڪڪي، چوين ڇا پيئي. مون لاءِ ريڪا ٻي ڪين تون ٻي.“

”تڏهن دادا، ريڪا جي ملٽي ڪٽي منهنجي ڏيراٽيءَ جي پلٽي چندن سان ڪريو. چوڪرو ٿي ڪاليجون پڙهيو آهي ۽ پاڻ ڪملئيندڙ آهي. ڏيتي ليتي جي پچا ڪانه پوندي. چو ته هڪ ننهن پيڪي پيئي آهي، تنهن ۾ گهر ڏاميچي ويو آهي.“

پر جڏهن پڦي رواني ٿي ويئي، تڏهن ريڪا جي ماءُ گلو ڦاڙي پنهنجي فيصلي جي پڌرائي ڪئي ته. ”مان چنگ چڙهيل گهر ۾ ڌيءَ قيام ڪين ڏينديس.“

شهر خالي ٿيندو رهيو. ملڪ ۾ ترٿلو پئجي ويو. سنڌ جي ڳوٺن ۾ رات رات ۾ سوين شاديون ٿيڻ لڳيون. مائٽ ڌيئرن جون پريون پنهنجن سرن تان لاهي، ٻين جي ڪلهن تي اڇلڻ لڳا. گوپالداس اخبار ڪڻي رڪمڻيءَ کي سمجهائيندو رهيو ته انگريز ڪيئن نه هڪ نئر ٻار وانگر جنهن رانديڪي کي پاڻ وٽ رکي نه سگهيا، ان کي خارن ۾ ٽڪر ڪري، اگ لڳائي وڃي رهيا آهن.

هڪ ڏينهن پاڙي مان موٽڻ تي، رڪمڻي سڌو مڙس جي ڪمري ۾ اچي چيو، "منهنجي ته دل هينئر صفا ڪاڃي ويئي آهي. سيڪو پيو شهر ڇڏڻ جي تياري ڪري، پر اسين هيءُ جوان جوان ڌيءَ کڻي ڪٿي هلي ڌڪا کائينداسين.؟"

گوپالداس چيو، "چري آهين چري، رڳو پيئي لڇج پر ڌيءَ کي اڪلائي نه ڇڏج. ڪڪي جيڪا ڳالهه ڪري ويئي سا ٻه نٿي محين..."

"اهڙئي ته توهان جي هلت آهي نه، ٻيون هيتريون مائٽيون آهن، تن جي پچا نڪا ڳاڇا، اچي رلي ڪڪيءَ واري مائٽي.... پلا توهان کي سيتلداس جو گهر خيال ۾ نٿو اچي؟"

"اڙي پر،" گوپالداس ڪٽ تي اٿي ويهندي چيو، "سيتلداس جي گهر ڪپن ويهه هزار. اٿيئي هڙ ۾ مرڳو سئو ٻه ڪونه، هلي آهين هاٿين سان ڪلها گسائڻ..."

"هئا ته گهٽيئي پر چٽ ٿيڻ ۾ دير ئي ڪانه ٿي. هاڻي اچي نياڻي اڪلائڻ لاءِ محتاج ٿي آهيان."

رڪمڻي سارو ڏينهن لڇندي رهي. رات جو ٻه هن کي پنهنجي بستري مان ڄڻ سيون ٿي چڀيون. آڌي رات جو ئي اٿي وڃي مڙس کي جاڳايائين، "پلا ڪڪيءَ واري مائٽي قبول ڪريون ته ريڪا کي دل ۾ ته نه ٿيندو؟"

گوپالداس ڌيرج سان وراڻيو، "پلي ڪلئنس پڇي ڏس." گوپالداس جي هٿن تي گرم گرم ڦڙا اچي پيا. چرڪ پري چيائين، "اڙي، تون روئين ٿي. ريڪا جي ڀاڳ ۾ هوندو ته ڪين مان ٻه ڪيچ ٿي پوندا."

"پر ريڪا ڇا چوندي؟" ماءُ پريل گلي سان چيو، "گلن وانگر پالي ڪڻي ڪنڊن ۾ اڇلايئون..."

"ممي، مان ڪجهه ڪانه چونديس."

ٻئي زال مڙس وائڙا ٿي ويا. آواز ريڪا جو هو.

گوپالداس چيو، "ريڪا هلي آءُ اندر." پر ريڪا، جا پگهرجي پاڻي ٿي ويئي هئي ۽ ساري طاقت ڪٺي ڪري جواب ڏيئي ڀڄي هئي، سا يڪدم پنهنجي ڪمري ۾ وڃي بستري تي ڦان ٿي ڪري ۽ اچي سڏڪن ۾ ڇٽڪي.

اٺ ڏينهن گذري ويا. شاديءَ جا سڀ سانباهابلڪل تڪڙ ۾ ٿي ويا. ان ڏينهن صبح جو ريڪا اکيون کوليون ته سارو آڪاس چمڪي رهيو هو. هوءَ ياد ڪرڻ لڳي، رات جو کهڙا ويچار ڪندي سمهي هئي. پاٽيءَ ۾ ترندڙ گلن جيان، سندس دل تي هڪڙئي خيال تري آيو، ”اڄ منهنجي شادي آهي.“ ڪيس ايئن لڳو ڄڻ سندس جيون جيٻيڙي هيترو وقت پٽڪندي رهي هئي ۽ اڄ ڪنارو سامهون هو. جنهن کي لنگر هٽي، هميشه لاءِ ان کي نڪاٽي لڳڻي ڇڏيندي.

ايتري ۾ اندرا، گوبي ۽ شيلا، ٽئي ماساتيون اچي مٿي ڪانبيس ۽ خوب ٺهڪڙو مچائي ڏنائون. هڪٻئي کي ڪتڪتائي پئي ڪيائون. ريڪا سانبه مستي ڪرڻ لڳيون. هڪڙيءَ چيو، ”ويچاريءَ اڄ ڏاڍو سهڻو خواب ڏٺو هوندو.“ٻيءَ چيو، ”اجا دير سان اٿين ها، سڄي رات جو جاڳڻو پوندوءِ.“ ٽينءَ چيو، ”هڪ رات ڇا، گهٽيئي راتيون جاڳٽيون اٿيئي. سيني راتين جي اوجاڳي لاءِ هيئرئي ننڊ ڪري ڇڏين ها.“

ريڪا ڦول جيان وسهندي، ماساتين جي ڇهندڙين ۽ ڪتڪتاين ڪان پڄندي اچي رنڌٽي وٽ پاٽيءَ گلاس پري، منهن ڌوئڻ لڳي. اندر ليئو پاتلئين ته ڏٺئين، سندس چاچيءَ، مارونٽس ۽ سيلونتيءَ پاڻ ۾ ڪا ڳالهه پئي ڪئي. پر ريڪا کي ڏسي شڪجي چپ ٿي ويئون. ريڪا کي ان ڳالهه لاءِ خيال ٿي پيو ۽ٻاقيبه سندن کهل پريون نظرون هن جي ذهن ۾ چڀي ويون. هوءَ پيءُ جي ڪونيءَ وٽان لنگهي، اتيبه ماٽس ويٺي مڙس سان ڪا ڳالهه ڪئي. ريڪا اندر وڃي ڏٺو ٻنهي جي چهرن تي دک جي ڇايا پيل هئي. هوءَ منجهي پيئي، ضرور ڪا خراب ڳالهه ٿي آهي، جا سڀ پيا ڪانئس لڪائين. ايتري ۾ٻئي ڪمري منجهان، جو ماساتين جو ڪل ٺهڪڙو پئي آيو، سو اوچتوبند ٿي ويو. ريڪا تڪڙي تڪڙي اوڏانهن ويئي، ڏٺئين ته سڀ چاچيءَ جي ڳالهه ۾ مشغول هيون. ريڪا جيئنئي پردو هٽائي اندر وڃڻ ٿي چاهيو، تيئنئي سناٽو ڇانئجي ويو. ڪمري ۾ هيتريون ڄڻيون موجود هيون تبه ريڪا کي اهڙي سانت محسوس ٿي جا جيترئي عجيب هئي، اوترئي پيانڪ پڻ. ريڪا منجهي پيئي، ”ڇا ڪريان، ڪيڏانهن وڃان؟ پلا هي سڀ مون ڏانهن قياس پري نظر سان ڇو ٿيون ڏسن ۽ ڏسي ڏسي وري اکيون ڦيرائي ڇو ٿيون ڇڏين. ڄڻ ڊپ اٿن ته مان ڪلنئن ڪجهه پڇي نه وڃان؟ هڪ وار دل ۾ آيس ته هڪ هڪ جو ڪن پٽي، جيڪر پڇين ته آخر هن کهڙو ڏوهه ڪيو آهي، جنهن جي ڪيس خبر پئجي ويئي آهي؟“

هوءَ تڪڙي تڪڙي ڊوڙي وڃي ماءُ جي ڪمري ۾ پهتي. ماٽس گهوماٽيل چهري سان ڳلي کي هٿ ڏيئي ڪنهن اونهي ويچار ۾ غلطان ويٺي هئي. ريڪا جي دل ڄڻٻيهي ويئي. جنهن وقت

ماءُ کي گرهستيءَ جي ڪاڏي پيتي جي سنڀال لاءِ ساري گهر ۾ چڪر لڳائيڻ ڪپندا هئا. ان وقت هوءَ اهڙي حالت ۾ چو.... چو....؟ ماٺ ماٺ ڪري لڳندڙ هوا ۾ ڇڻ هڪئي گهوماٺيل آواز هو. چو؟.... چو؟...؟ ريکا ڪنهن اڻ ڄاتل ڊپ کان ڪنبي ويئي ۽ هلڪي ڪيڪ ڪري وڃي ماءُ جي گود ۾ ڪري، خوب سڏڪا ڀريندي پڇيائين، "ممي چو توهين سڀ ماٺ ۾ چو آهيو؟"

ماءُ مٿي تي هٿ ڦيرائيندي چيو، "پٽ، ڪجهه ڪونهي."

"منهنجو قسم." ريکا آليون اکيون مٿي ڪٽي چيو. ماءُ جي دل موم ٿي ويئي. چيائين، "رات هڪ خراب خبر آئي اٿم."

"ڇا؟ جلدي ٻڌاءِ جلدي ٻڌاءِ ڇا آهي....؟ ريکا اڌيڙ ٿي، ماءُ جي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي ڇڏيون. ماءُ جي ڪنڌ سان پلڪون اگهي چيو. "رات تنهنجي پيءُ وٽ جيڪو هريرام وينو هو. سو تنهنجي ڏيراڻيءَ جو ملڻ ٿئي. ان اچي ڳالهيون ڪيون ته چندن جو پگهار فقط 80 رپيا آهي. گهر ۾ ايتري ته غريبي آهي، جو وڏي ننهن کي ڪاڏي پيتي جا وڳل ڏيئي ڪڍي ڇڏيائون." ماءُ جي اکين مان ٽپ ٽپ ڪري آنسو ڪرڻ لڳا.

ريکا ٿوري دير لاءِ چپ رهي، ڪيچليءَ وانگر سر مٿي ڪري چيائين، "پلا ان ۾ ڇا آهي، جو سڄي گهر ۾ ماٺ ماٺ لڳي ويئي آهي؟"

ڏيءَ جي ٻوجهه نگاهن کي ڏسي ماءُ چيو، "پٽ مون جو توکي پشم وانگر پاليو، سا ڪيئن توکي اهڙي گهر ۾ اچليندس. مون ته شروع کان ئي هڪو نٿي ڪئي."

ريکا چرڪي ويئي. گوپالداس ڪمري ۾ گهڙندي، زال جا پڇاڙيءَ وارا اکر ٻڌي ورتا. چيائين، " چري آهين ڇا؟ شاديءَ ڏينهن ملڻ ڇٽي اٿئي ڇا؟ ڌرم هاريو سو هاريو. پٽيتي ماءُ کي ڏيءَ ٿي ڏينهن ڪانه مرندي. جيڪو نصيب هئس، هاڻي چو اچي ڳٽيءَ ۾ پيئي آهي؟ پاڻ ۾ سمرٿي هجي نه؟ هونءُ وري هڙو آکيو چوڪرو ڏيتي ليتيءَ ملي ها ڇا؟"

ماڻهاران ڪچيو ڪين، پر اندر ۾ چيائين، "سمرٿي جي ڳالهه ڪريو ٿا، ڌرمٻرم کي وچ ۾ ٽپڪي نه آڻيو."

ريکا چپ چاپ ٻاهر نڪري ويئي. هن من ۾ چيو، "ملڻ ساري عمر پيار سان پاليو. هن وقت منهنجو فرض آهي ته سندن ڳٽي غم گهٽايان."

منجهند جو روٽيءَ ٽائين سيني کان هريرام جي ڳالهه ڇڻ پلجي ويئي. فقط ماڻهئي هئي جا گهڙيءَ گهيرٽ ۾ اچي ٿي ويئي. ڪيس ڏيءَ جي الڙ سياءُ جي ڄاڻ هئي. جيڪا ڏيءَ اوچي ڪاڏي ڪپڙي ۾ تر جيتري گهٽتائي نه سهي سگهندي هئي، سا غريبي ڏسي ڪيئن نه

ڪوسڪجي ويندي، ان جو تصور ڪندي ماءُ چنتا ۾ ٻڏجي ٿي ويئي. ۽ ڪنهن مهل هن جي مامتا پيري نظر کي ريکا ڏسي ٿي ورتو تہ اچانڪ سندس دل جي تارن تي وڄندڙ شاديءَ جي خوشيءَ جا گيت، گهڙي پر لاءِ رڪجي ٿي ويا. پر گهر جي گوڙ ۽ گهمسان، ماساتين ۽ ساهيڙين جي چرچن ۽ کل ٺهڪڙي ۾ هوءَ وري بہ سڀ ڪجهہ پلجي ٿي ويئي.

ريت رسم کي اورانگهڻ گهٽ ۾ گهٽ، ريکا جي ماءُ لا تہ ڏکي ڳالهہ هئي، تنهن هڙ سکٽي هونديءَ بہ متن مٽن کي شاديءَ ۾ ٺڪٺڪي گهر پري چڏيو هو. سجو ڏينهن ننڍيون نيٺيون ريکا کي ورلڪي وينيون هيون. هو ڪيس پنهنجا آزمودا پٺلڪي سندس تمنڪن کي جاڳڪيئنديون رهيون.

(2)

شاديءَ رات، ريکا جيڪو ڪجهہ محسوس ڪيو، ان کي اکرن جي صورت ڏيئي دل جي هڪ ڪنڊ ۾ لکي ڇڏيڪين: "چندن وٽ منهنجن احساسن سمجهڻ واري دل نہ آهي."

ڳالهہ خسيس هئي. چندن ڪيس هٿ کان وٺي چيو، "اچ، هتيئي اچي سمهہ." ريکا ناز ڪيو، "مان جدا کٽ تي سمهنديس." ۽ پنهنجو هٿ ڇڪي ورتائين. چندن اداس ٿي چيو، "بدنصيبا هن ڪمري ۾ ٻي کٽ وجهڻ جيتري جڳهہ ئي ناهي."

ريکا پتيءَ جي سادي سڀاءَ تي ملڪڙي ٿي ويئي. هن تہ سوچيو هو تہ گهوٽ راجا سندس نازڪ ڪمر ۾ هٿ وجهي ڪيس پنهنجي کٽ تي ليٽائيندو ۽ پوءِ ڪلي ڪلي چوندو، "راڻي، گهوٽ ڪنوار ڪو جدا ٿورئي سمهندا آهن؟ ۽ سندس سارو مڪڙو چمين سان پري ڇڏيندو." ليڪن ريکا جون ڪلپنائون، ڪلپنائون ئي رهجي ويون. هوءَ ماٺ ميٺ ۾ ڪرسيءَ تان اٿي وڃي ٻستري تي سمهي.

رات پتي پتنيءَ جي وچ ۾ ڪيتري وقت تائين ڪئين ڳالهيون ٿينديون رهيون. ڳالهين ۾ "حياتيءَ جي مقصد" تي خيالن جي ڏي وٺ ٿيڻ لڳي. ريکا چيو، "اسان لاءِ تہ گهوٽ ڪنوار جو هڪٻئي کي بيحد پيار ڪرڻ ئي حياتيءَ جو مقصد آهي."

چندن چيو، "منهنجي خيال موجب ديسواسين جي شيوا ڪرڻ ئي حياتيءَ جو سچو مقصد آهي."

ريکا کي ڳالهہ ڪين ملڪڙي سو چيائين، "ٻين جي حياتيءَ ۾ پنهنجو ڇا وڃي، سڀ ڪو وڃي پنهنجا ڪرم پوڳي. مون کي تہ اهڙيون وڏيون وڏيون ڳالهيون وڻنديون ئي ڪين."

اوچتو ريڪا پنهنجي چوگرد چندن جيڀانهن جوڀنڌن ڍرو ٿيندو محسوس ڪيو. هن جي اندر ڪي چوٽ لڳي ويئي. ڪجھ ديربنهي ۾ ڪلهہ ڳالهبولهہ نہ ٿي ۽ نہ وري ريڪا کي انڀانهن جيڀنڌن ۾ ڪا اڪيرئي ڏسڻ ۾ ملئي. ڌيري ڌيري پتيءَ جيڀانهن مان پاڻ کي آزاد ڪري هوءَ منهن ورلئي سمهي پيئي.

ريڪا صبح جو ننڊ مان اٿي تہ ملئين محسوس ڪيلئين، ڄڻ رات مڪان کي سختسباهہ لڳي هئي ۽ پاڻيءَ جي ڪلهہ مدد نہ پهچڻ سبب، سڄي رات گھر جلي جلي، رک جو ڍيربڻجي ويو هو ۽ فقط ڪٽان ڪٽان، الا نڪري رهيا هئا. ڪيس سڄيبدن ۾ درد محسوس ٿيڻ لڳو. دري کولي سورج جي ڪرڻن کي پنهنجي سجايل ڪمري ۾ دعوت ڏيندي ڪيس ڪلهہ خوشي ڪانہ ٿي. ساهري گھر جون پتيون چتيون، چتلئي ڏسڻ لڳي. هڪ عجيب قسم جي ماٺ ۽ موڳلئي هئي. ريڪا ڪمري جو در کوليو تہ سامهون 20 کن ورهين جي ڇوڪري، شڪل جي للبت سانوري، هٿ ۾برش ڪٽي، ڏند صفا ڪرڻ لاءِ وڃي رهي هئي. ليڪن ريڪا کي نڪرندو ڏسي هوءَ ڪيس هٿ ڪان ڇڪي وڃي پيڻگهي ۾ وينيڀئي مشڪڻ لڳيون پربنهي جي دلين ۾ سانوڻيءَ جي آڪاس جيان وسڻ جي اڇا هئي. ڪملا سوچي رهي هئي: ”ڪاش، مانبہ هيئن ڪنهن جي آغوش مان نڪري، ملئين سورج جي ڪرڻن ۾، هڪ وار ساري دنيا کيبدليل نگاهن سان ڏسي سگھان.“

۽ ريڪا وري سوچي رهي هئي: ”جيڪر دنيا کان ڪالهوڪي رات وسري وڃي ۽ مان وري پنهنجي اڳينءَ دنيا ۾ داخل ٿي وڃان.“ ليڪنبئي آسمرٿ هيون. هڪ جو پتا غريب هوبيءَ جا هٿ شاديءَ جيبيڙين ۾ جڪڙجي چڪا هئا. دل پريل هونديبہ ٿورنئي منٽن ۾بئي ڪلي وينيون.

ٽن ڏينهن اندر ريڪا، ڪملا ۾ پاڻ لاءِ سهارو ملئڻ لڳي. چوٿين ڏينهن ڪملا ريڪا جي سس کي چيو، ”پقي، اڄ سانجهيءَ جو ملئو ضرور ڪوٺڻ ايندو.“ ۽ سڄ پڇ شام جو ڪملا پنهنجي گھر هلي ويئي.

ريڪا جي ڏيرياڻي تہ منجهند جوئي جهڳڙو ڪري رواني ٿي ويئي. ڳالهہ ۾ ڪجھ ڪونہ هو. گل ماءُ اس ۾ ڪٽڪبہ پئي چاڙين تہ پيريءَ جي هڏ کي اس جي سيڪبہ پئي ڏنو. سيءُ گھٽو ڪونہ هو تنبہ گل جي ڪنوار پنهنجي پٽ کي گرم پاڻيءَ سان سنان پئي ڪرايو. گل ماءُ جي پرسان رکيل ڪٽڪ جيڀن ۾ ٿورا چندا پئجي ويابڍيءَ چيو، ”ديوي، ڪٽي پرڀرو ڪري پاڻي وجهينس، اهڙو سيءُ ٿورئي آهي جو هرو ڀرو ڪٽي اس ۾ٻيهاريو اٿيئيس.“

وڏي ڪنوار جلندي پچرندي چيو، ”امي، توکي سيءُ پوي ٿو، جو اس ۾ ويٺي ڪٽڪ چاڙهين، ٻاقي هنٻار لاءِ چوين ٿي ته هرويرو اهڙو سيءُ ٺورڻي آهي.“ اوڏيءَ مهل ريڪا نون چڻ چڻ ڪنڊڙ ڪپڙن سان سينگارجي، اچي سس کان موڪلائڻ لاءِ بيٺي. وڏي ڪنوار پوسرڻ ۾ رڌي پوري هئي. ڪيس ڪا ڪلهي ڪانه پيئي ته ڪا ريڪلبيٺي آهي. تنهن پر ڪريٻالتيءَ وارو پاڻي پٽ تي ليٽلي وڌو. ريڪا جي ساڙهيءَ تي ڪيترا چندا پئجي ويا. مگر جنهن کي گهر ۾ ملڻي فقطب تي ڏينهن ٿيا هئا سا ڪيئن ڪچي، ليڪن سندس شڪل ضرور لهي ويئي.

ٻڍيءَ ڪنڌ مٿي ڪڻي چيو، ”پلي وڃ نندي ڪنوار، شل سهه چوڙين، سهه ماڻين.“ ريڪا ته هلي ويئي ليڪنٻڍي ماٺ نه ڪئي. چيلئين، ”ويچاري کهڙي نه سباجهي آهي. مٺين ساڙهيءَ تي پاڻيءَ جا هيترا چندا پيس تمه کو ڪچيلئين؟“ وڏي ڪنوار کي جڻ تير لڳو. چئن ڏينهن اندر سس ڪيترا پيرا ريڪا جي شڪل شبيهه وغيره جي خوب ساراهه ڪري چڪي هئي. سيڪا ڳالهه جڻ وڏي ڪنوار سان پيٽ ڪري چڪي هئلئين. هينئرٻه وڏي ڪنوار کي اهڙوئي احساس ٿيو. تنهنٻگڙجي چيو، ”اميٻيون رڳو توسان ليئنئي وينيونٻڪ ڪن نه؟“

گل ماءُ طعنو سمجهي ويئي. چيلئين، ”مون کو توکي ٺورئي چيو. پر جي چوان تمه چا آهي؟ ويچاريءَ جي ساڙهي خراب ٿيندي ۽ ڪچندي ڪانه ته ڏک نه ٿيندو؟“

”ڏک نه ٿيندو.“ وڏي ڪنوار اکر اکر تي زور ڏيئي چپ ڦڏا ڪندي چيو، ”جيڪي پيڪي گهران ڏيپ لهي ايندیون، اهيئي ڳالهئي سگهنديون. جيڪي سچ پينگ ڪڻي ايندیون، سي ڏوڙ ڪچي سگهنديون.“

سس چيو، ”ٻلبا، مون هٿ جوڙيا. جو اچي سچ پينگ ڪئي اٿيئي. ڪرتار ڪڻي چندن جو ياڳ ورلئيندو.“

وڏي ڪنوار پچرندي رهي، ”مون چيو ڪين هيءَ مون کي سهنديئي ڪانه. هل سندر، جلدي ڪڻ ڪپڙا ته ناناڻي گهر هلون. مان ته آيسئي ڪانه ٿي. اڳ ۾ ڪونٻارهن مهينا توسان گذاري ويئي آهيان. ڏاڍا سک ڏنا هيئه. چيئه شاديءَ ۾ هلي لڄ رک، سو هاڻي شادي ٿي ويئي، تون مون کي رهڻ ڏيندينءَ چا؟ منهنجي ماءُ اصلي چيو ته پاڻيهي اچي سندر جو پيءُ سار لهنداِ.“

شام جو ريڪا پيڪي گهران موٽي ته ديوي ڪانه هئي. چندن، سگريءَ تي هٿ کوسا ڪندي پڇيو، ”امان، ديوي ايترو جلدي چو هلي ويئي؟“ ته گل ماءُ سجو احوال اکر اکر ڪريٻڌايس ۽ پوءِ چيلئين، ”الاجي ڪيئن ههڙي راڪسياڻي، منهنجي گلاب جي نصيب ۾ لکي ويٺي هئي.“

”گلاب کي هيءَ ڪنوار ٺورئي کپندي هئي، هن کي ته کپندا هئا پنج هزار.“

”پٽ هن جو ڪهڙو ڏوهه. انهن پنجن مان پنجاهه ڪرڻ لاءِ ته آڪل پنڌ تي ويو آهي. اڄڪلهه پئسي کي ٿو پئسو پيدا ڪري، نه ته ويچارو ڇو هن ڪاري بند کي گهلي اچي ها... اڄ به ٿورو ڪي گهڻو پئسو موڪلي ته وڻنو.“

ريکا ڪاڏي جون ٿالهيون ميز تي رکندي سي ڪجهه ٻڌو ۽ دل ئي دل ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو ته گلا راءِ بلڪل خراب انسان هوندو جو پئسي جي لالچ تي شادي ڪئي اٿس. پر جڏهن فوٽي طرف اکيون کڻي، سسٽس چندن سان گهٽيئي ڳالهيون ڪرڻ لڳي، تڏهن ريکا پنهنجي خيال تي اٽل رهي نه سگهي. ههڙو شاندار چهرو، ڪلڻ لاءِ ترسيل پيئو، جو فوٽي واري شڪل تي ڦهليل هو، تنهن ريکا کي دل ئي دل ۾ ڪلائي ڇڏيو. ايتري ۾ چندن چيو، ”امان، توسان پنج منٽ ويهه ته تون دنيا ڀر جون ڳالهيون ڪري وڃين.“

”ٻچا، تڏهن هاڻي به گهر گرهستيءَ جي ڳالهين ۾ چاهه نه وٺندين ته ڪڏهن وٺندين؟ تنهنجي انهن خيالن ڪري جلدي شاديءَ جو ڳٽ ٻڇيءَ ۾ وڌو مانءِ.“

چندن ٿڌو ساهه کڻي اٿي کڙو ٿيو. ڪپڙن مٽائڻ لاءِ ڪمري ڏانهن ويندي ويندي چوندو ويو، ”مون کي جي خبر هجي ها ته تون منهنجن خيالن کي ڦاهو ڏيڻ تي چاهين، ته مان جيڪر شادي ئي نه ڪريان ها. مون توتي وشواس رکيو. خير، منهنجي بدران هوءَ ته گهر گرهستيءَ ۾ چاهه وٺڻ واري ملي ويئي....“

ريکا اداس اکڙيون کڻي ايسٽڪين پٽيءَ کي ڏسندي رهي، جيسٽڪين ساڙس گڏ هلندڙ پاڇو وڏو وڏو ٿيندو، آخر ڪڪنس اڳئي ڪونيءَ ۾ گهڙي ويو. ريکا ڪرسيءَ تي ويٺي گرم ڪاڏي مان نڪرندڙ ٻاڦ کي ڏسندي ڪنهن سوچ ۾ غلطان ٿي ويئي.

ٿن ڏينهن اندر ريکا لاءِ ڄڻ زمانو ئي بدلجي ويو هو. هن گهر ۽ هن گهر ۾ تمام گهٽ تفاوت هو. هو گهر اتاهين تان ڪري رهيو هو ۽ هيءُ گهر ٻنهه ماڙيءَ ۾ بيٺو مٿي چڙهڻ جا خواب لهي رهيو هو. خواب ته پهرئين گهر به گهٽ ڪونه ٿي ڏٺا، پر ٻنهي گهرن جي خوابن ۾ به فرق هو. هن گهر جي خوابن منجهه پرهه ڦٽيءَ جي لالائي هئي، اميدن جا ڪرٽا هئا، ريکا جي سس سوچيندي هئي ته منهنجا سيئي پٽ ڪمائيندا ته گهر ۾ نوڪر رکنديس. منهنجي رنڌڻي ۾ چانديءَ جلباسڻ ۽ چينيءَ جا سيٽ چمڪندا نظر ايندا. ليڪن ريکا کي هن گهر جي ماٺ ۽ موڳائي جنسي ڪمائڻ ٿي لڳي. چندر ڪپڙا بدلائي اچي ڪاڏي تي ويٺو.

گل ماءُ چيو، ”پٽ، هاڻي پاڪستان مان لڏيو ئي پوندو. پاڙي اوڙي جا گهر باقي ايڪڙ ٻيڪڙ مس وڃي رهيا آهن.“

چندن جو اجلبہ ڏيان نہ ڇڪيو تہ ماءُ چيو. ”اهڙي گل جهڙي سهڻي ڪنوار وني ڏني ٿماڻۓ. تنبہ الاجي ڪهڙين ڳالهين سوچڻ ۾ٺي محو آهين.“

چندن جون نظرون هڪ وار ريڪا جي گلابي مکڙي طرف کڃيون. پر تيز نظرن جي ڇهاۓ کان شرمايل شرمبوٽيۓ جا پن وري ڪلنٺي ڪلن. تنهن کان اڳ چندن ماءُ کي چوڻ لڳو. ”امان. گل ۾ جي سرهاڻ نہ هجي تہ ان کي حاصل ڪري ڪهڙي خوشي ٿي سگهي ٿي.“ ماءُ ڪجهہ ڪين سمجهيو. ڪن ترسي پٽ وري چيو. ”امان. مان پنهنجي وطن کي سترو ڪونہ ڇڏيندس هتي اسي رپٺي جي نوڪري آهي ۽ اجهو آهي. پر جي هتان ملباٽا کک ڇڏياسين تہ اتي جاءِ لاءِ. نوڪريۓ لاءِ سپ لاءِ ڏڪا ڪٺٽا پوندا.“

ماءُ ڪجهہ چوڻ لاءِ وات کوليو پر پنهنجي پونجيۓ جو خيال ڪري چپ ٿي ويئي. ماٺ ميٺ ۾ ڪاڏو ڪٺي سيڪو ٿڙي پکڙي ويو. ريڪلبٺي هنڌ پاڻ لاءِ جڳهہ نہ ڏسي سس جا چرن ڇبهٺڻ ويهي رهي. اڪثر روز ليٺنٺي ٿيندو هو. متس جڏهن نندبہ غالب پوڻ شروع ڪندي هٺي. تڏهن نڪرايل سومان کي سيني سان لڳٺي منهن ورٺي پنهنجيءبستري تي وڃي ڪرندي هٺي. صبح جونبہ اجان رنڌٽي ۾ هوندي هٺي تہ چندن پنهنجي نوڪريۓ تي هليو ويندو هو. اڪيلي گهر ۾ ريڪا پنهنجي سس ۽بن ننڍن ڏيرن جو رانديڪونبڻجي رهجي ويندي هٺي. ننڍڙا گوپ ۽ شيام ريڪا جي گول گول سفيد ڇهري کي چاهہ سان ڏسندا رهندا هٺا. ليڪن ريشمي ڪپڙن ۾ ويڙهيل ڪنوار. ورلي ڪو پنهنجي خوبلي دنيا مان آزاد ٿي. وڏيون وڏيون پلڪون ڏيري ڏيري مٿي ڪٽندي هٺي. ان وقت شيام ۽ گوپ شرمٺجي تاڙيون وڄٺي ”امي امي“ ڪري وڃي رنڌٽي ۾ ماءُ کي چنبڙندا هٺا ۽ ٿوري دير ۾ٺي. رسوٺي گهر مانبباهر اچي ڪنهن ڪرسي پنيان يا ڪٽ هيٺان لڪي ٺين ڪنوار کي جاچيندا هٺا. ليڪن وريبہ ساڳي ڪار ٿيندي هٺي. ريڪا جي گول گول سياهہ نيڻن جي مٿي کڃڻ تيبارن جي تنبدن ۾ هلچل مچي ويندي هٺي. ريڪا اوباسي ڏيندي سوچيندي هٺي. ”ڪاش. منهنجين نظرن جو جادو. چندن جيبدن ۾بہ هيڏي هلچل مچٺي سگهي.“

ريڪا سس کي ڪم ۾ مدد ڪرٺڻ لڳي. گل ماءُ پهرين تہ ريڪا کي ڪنهن خوشبودار ڪليۓ جيان پرسان رکڻ لاءِ. روٽي ڪرڻ وقت هڪ نبيو ڪم سونپي اڳيان ويهاري ڇڏيندي هٺي. مگر آهستي آهستي ريڪا جي سونهن جو جادو گهٽجڻ لڳو. هوۓ هاٽي ڊنل هرٽي نہ. پر رنگارنگي ڪپڙن ۾ ڊڪنڊڙ ۽ پجنڊڙ لومڙي پاسڻ لڳي. هن جلدي گهر جي ڪم ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪري ڇڏي. رسوٺي گهر جي مصالحن جون سپ شيشيون. اناج جا ڊباۓ وغيره ريڪا

ڪرڻبنا چندن جي هٿ تان پنهنجو پلو سان مٿي اگهڻ لڳي. چندن شانتبينو رهيو. ٿوري دير ترسي چيائين:

”توکي گهمڻ لاءِ منع ته ناهي, پوءِبه بين کيبتائڻبنا هتي هلي اچڻ ۽ هنن کي فضول پريشان ڪرڻ جو ڪهڙو ضرور؟“ ريکا ڪوبه جواب ڪونه ڏنو ماٺ ميٺ ۾ پٽيءَ سان گڏجي هليائي.

چاڪنٺ وٽ گل ماءُ هڪ صندليءَ تي ويهي, ڪمند چوسي رهي هئي. ريکا کي ڏسي وات وارو اڌ چوسيل ڪانو هٿ ۾ جهلي چيائين, ”چو, اڄ گهر ۾ سک نٿي آيئه ڇا؟“

وئي جو پلئه نيڪ ڪندي ريکا چيو, ”ها امي, اڄ گهر ۾ منوئي نٿي لڳو.“

”واهه جمانا, گهر ۾ من نٿو لڳيباهر پٽرن جي ڇپن تي تو من لڳي. اسين ته ڳولي ڳولي ٿڪاسين. گوپ ۽ شيام ڳالهه ڪئي ته پاڻ وينيبينچ تي لغڙ اڏايائون ۽ تو ويني پٽرن جي ڊيرن تيلڀاسيون ڏنيون.“

ساتهئي سات ننوليءَ پري ڪل ڪلي, گل ماءُ وري ڪمند چوسڻ لڳي ويئي. ريکا کي جڻبرسڻ لاءِبهانو ملي ويو. چندن ته در وٽانئي ”دوست وٽان ٿي تو اچان.“ چئي هليو ويو. ريکا پنهنجي ڪمري ۾ وڃي دريءَ طرف منهن ڪري خوب هنيو ٺارڻ لڳي. اچانڪ سس کي پنهنجي ويجهو ڪرسيءَ پنيانبيٺل محسوس ڪري ريکا ڏڪي ويئي. ”سو ڇيومانءِ ڇا, جو ويني آهين ميڪ ميڪ ڪرڻ؟ ملئي, اڄڪلهه جي نهرن سان ته جانو پرجي, گيسي ڪجي....“

ريکا اجلبه وڌيڪ جهجڻ لڳي. سس پڄرندي ٿي ويئي. ريکا گهٽوئي چاهيو ته ڪنهن طرح ماٺ اچي, پر سندس آنسو جيئن پوءِ تيئن جهر جهر ڪرڻ لڳا.

ان رات چندن ڪيتري دير تائين جاڳندو رهيو. ماءُ جا اکر اجلبه سندس ڪنن ۾ وڃي رهيا هئا: ”ڪيڏا اڄڪلهه جي ڇوڪرين ۾ ترڪ تال آهن. هيڏا سڌڪا پري ويني ڦاٽيبس مڙس کي ڏسي چپ ٿي ويئي آهي.“ چندن جيتروئي انهن اکرن تي وڌيڪ ٿي سوچيو اوتروئي سندس خيالي گهوڙوبه واٽي تي اچي منجهي ٿي پيو: ” آخر هن ڇوڪريءَ کي ڇا کپي؟ هوءَ پاڻ نٿي ڏسي سگهي تبمبئيءَ ۾ زندگي ڪيتري نه ڏکي آهي. جڳهه هٿ ڪرڻ لاءِئي ڪيتري نه مٿا ڪٽي ٿي پوي. گهر جي ساري پونجي سهلئا ڪرڻ کان پوءِبه هي ڏيڍ هزار پگڙيءَ واري جڳهه هٿ ڪري سگهياسين. نوڪريءَ لاءِبه تنيءَ ٿڌيءَ پٽڪي پٽڪي ننديون وڏيونبه نوڪريون هٿ ڪيم, سيبه سال اندرئي پوريون ٿي ويون. هاڻي مس وڃي نسروانجي مل ۾ پيير ڪوڙيو اٿربي اي جو امتحان ڏيئيبه هيءَ ڪلارڪي قبول ڪئي اٿم. هيءَ ڇوڪريبين جي مشڪلاتن ڏانهن ته جڻ نهاريئي نٿي.“

وڏيڪ سوچڻ لاءِ چندن وٽ وقت ئي ڪونہ هو. ڪيس گهڻين ئي ڳالهين تي سوچڻو هو ۽ هنن سڀني جي ڪشمڪش واري زندگيءَ هن جي اڳين آدرشن ۾ زلزلو آڻي ڇڏيو هو. ان هوندي بہ هن جون راهون الجهي نہ پيئون. پاڻ وسيع ٿي ويون. جتان منزل جو چراغ چٽو ڏسڻ ۾ ٿي آيس. چو تہ هينئر نون راڄنيتي ۽ آرٿڪ متن کي اپنايائين. جن کي عمل جي ڪسوٽي تي چاڙهڻ لاءِ بہ وڏو ميدان هئس. مل ۾ ڪم ڪندڙ جي يونين ۾ پير کوڙيائين تہ ٿوري ئي وقت ۾ ڪيس جوائنٽ سيڪريٽري چونڊيو ويو. مل ۾ جيڪي پڙهيل ڳڙهيل ڪم ڪندڙ هئا. تن جو اسٽڊي سرڪل ناهيو هئائين. هن کي بہ ئي ڏينهن "پونجي ۽ پورهيو" وشيہ تي ڳالهائڻو هو. ڪيترن ئي ڪتابن مان ٽڪرا نشان ڪري رکيا هئائين بہ تيءَ جو بہ ٽڻ هيٺ ڪري اهي ڏسڻ لڳو. پر بتيءَ جي روشنيءَ تي ريڪا جي اک کلي پيئي. چندن کي جڻ ڪا وسريل ڳالهہ ياد اچي ويئي. پڇيائين. "مان جڏهن دوست وٽ ويو هئس. تڏهن تو چو ويني رنو؟"

ريڪا ڪان هڪ ڊبيل سڏڪو نڪري ويو. مگر ڪڇيائين ڪين.

چندن وري چيو. "شايد توکي هتي پورو آرام ڪونهي. اوچا اوچا ڪپڙا ڪونهن..."

ريڪا جون اکيون گهڙي پر لاءِ مٿي کڃيون ۽ چندن ڏنو منجهن دک نہ پر ڌڪار جي نگاهہ هئي. چندن کي پهرين تہ غصو ڪونہ آيو. پر جڏهن هن قسم جي نگاهہ لاءِ سبب ڳوليندي بہ ڪيس نہ ملي سگهيو. تڏهن ڪجي پيو. اسڪول ۽ ڪاليج جي بحث مباحثن جو باني. محب وطن چندن. دنيا جي حالتن جون ڳوڙهي ۾ ڳوڙهيون ڳنڍيون سمجهندڙ چندن. پنهنجي روپ ريڪا کي سمجهي نہ سگهيو. ڪجهہ هار جي احساس ڪان ۽ ڪجهہ پنهنجو غصو ڊبائڻ سبب. سندس نرڙ تي پگهر جون بوندون چمڪي اٿيون.

ريڪا بہ ئي پاسي منهن ورائي ڇڏيو. سندس اکين مان جل جي ڌارا وهي هلي. دکي دل سان سوچيندي رهي: "اوچا ڪپڙا ڪير ٿو گهريس. جيڪو وقت گهر ۾ ٿو اچي سو وقت بہ پاڻ سان اخبارون. ڪتاب. پنا. الاجي ڇا ڇا کنيو ٿو اچي. ڪارا ڪوجها مرهٽا. گجراتي وغيره دوست وٺيو اچي. انهن سان بہ وينو بحث مباحثا ڪري يا قرب سان ويهي سندن روٽليون ٽڪي. مان تہ ڪاري ڪوجهي بہ ناهيان. تہ بہ جڻ ليکي ۾ ئي ڪانہ آهيان" هن جي چپن تي هڪ جهوني طرز ڊوڙي ملئي. "روني سي نهين فرصت جسڪو وهہ ناز- ادا سي ڪيا جاني" "فرصت" اکر هينئر ڪيس ڏجهائي ڇڏيو. سوچيائين "هن انسان کي آخر پنهنجي ڪم مان فرصت ملندي بہ ڪين نہ. اجايو سجايو ڳالهائڻ کي تہ ڪٽي نڪمٽن جي راند ٿو سمجهي ۽ گشو گپو تہ هٽي ڪونہ. پاڙي ويڙهي ۾ ڪير سندس لاءِ ڇا ٿو چوي. ان جو بہ خيال نہ اٿس" هن کي ياد آيو تہ صبح جو پاڙي

واريءَ راڌا اچي چيو هو، ”ننڍي ڪنوار، تنهنجي ته ڪڙيءَ ڪيئنءَ نتي لڳيءباقي گهوٽ جا ڪهڙا حال ڪيا اٿيئي؟ مرهڻ وانگر سوٽ تيءَ چمپل پائي آفيس ۾ وڃي. ڪتابن جي ڳوٿري پيئي لٽڪيس...“

ريڪا چا چوي، ڪيس ته ڏڻ اچي ويو. مگر راڌا ڪان هن گلاب جي ڪليءَ جي هيءَ حالت سٺي نه ويئي. چيائين، ”دل ۾ ڇيڻ چا؟ مني سادو سودو آهي ته چاهي، گهڻن ڪان سٺو اٿيئي. ڪئين ته ڪونه ٿو چويئي ته اچ ماڻهين هي نه موڪليو، هو نه موڪليو. اجڪلھ جا ڇورا ته ساهرن کي ڏهي وتن عيش ڪندا. گهر ۾ پلي اٿوءَ نه هجين. پرءاهران نٺ اهڙو رکندا ڄن ملڪ جا والي مئي پاڻ آهن.“

هن ڳالهه ريڪا کي ڪجهه ڏيرج ته ڏنو، ليڪن شام جو، نيري اپ هيٺان ويهي جو ساگر جي لهرن کي ڪناري سان ملي ملي، چنچلنا ڪيليندو ڏسيءآئي هئي، سو سندس سارو هردو سچائيءَ جي احساس سان پرجي ويو هو. ان کي هوءَ ڪنهنءَ طرح دل مان ڪڍي نه سگهي. هوءَ وياڪلتا سان سوچڻ لڳي. ”آخرءئين چو آهي، جيڪو نظارو مون کي ايترو دل ليائيندڙ لڳو، جو جڻ پٿرن جي چپن سان جڪڙجي قدرت سان رهاڻيون ڪرڻ لڳيس، سو چندن کي هڪ ڪن لاءِ چنچلءٿائي چو نه سگهيو؟“ ڪيتري دير تائين اهو سوال ور ور ڪري سندس ذهن ۾ ڦرندو رهيو. سوچيندي سوچيندي ڪيس نيٺ ننڊ ڪجي ويئي.

ريڪا صبح جو جاڳي ته سج مٿي چڙهي چڪو هو. پاڙي جي تڪاٽي ۾ گهنڊ ٿي وڳا. گهنڊن جا آواز گول گول لهرون ناهيندا ريڪا جي تصور ۾ پيڪن جي ياد ڪٺي آيا. اتي هيڏي مهل گيتا ۽ سڪمڻيءَ جو پاٺ ٿيندو هو. ريڪا اتي ويني ۽ ڏٺائين ته ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ چندن ۽ٻيو هڪ سڪر جوان ڪن پنن کي غور سان جاچي رهيا آهن. هوءَ منهن ڌوئي وڃي آرسيءَ وٽ اگهڻ لڳي ته ليئن لڳس جڻ سندس شڪلءئي هپائجي ويئي آهي. ايتري ۾ چندن پنهنجي ڪمري مانءئي واڪو ڪري چيو، ”امان، هيري لاءِ چانهه موڪلج.“ ريڪا چانهه ڪوپ وٺڻ ويئي ته سسڻس ڪيس ڪوپ ڏيندي چيو، ”ننڊ ڪري اٿينءَ ءئيساٽي. اڄ ته اسن جا پٽ چڙهي ويا آهن.“

ريڪاءلڪل ڦڪي ٿي ويئي. ماٺ ڪري هليءآئي. هيري جي اڳيان ڪوپ رکيائين ته ڪن سدول، روشن ۽ سمجهدار اکين ڏانهنس نهاريندي ڄڻ شڪرانءجا آندا. هن جوان جا ڪپڙا ڪافي سنا هئا ۽ جڏهن وڃڻ لڳو تڏهن ريڪا ڏٺو سندس ڪر ڪٽي هلڻءَ شاندار هو. پر پيرن

۾ چمپل پراڻو هئس. ريڪا منهنجي من ۾ ڪلڻ لڳي. چندن جهڙي خشڪ انسان سان سنگت رکندڙ ڪي ڪا نه خشڪي هوندي ڪين نه.

(4)

گل ماءُ جي گهر اڄ گهڻن ڏينهن کان پوءِ چهل پهل لڳي هئي. سنو ڪاڏو تيار ڪيو ويو هو. ريڪا رجهندڙ پلاءُ جيئن باقي ڪي ور وڪڙ تي اڏامندو ڏسندي رهي. گرم مصالحن جي سڳنڌ سان تر تيل رنڌڻي ۾ سوچيندي رهي. آخرباهران ايندڙ ڏير جو سياءُ ڪهڙو هوندو؟ ڪيس هن جو رڌل ڪاڏو پسند پوندو؟ هن ڪي فرصت ملندي جو هو فقط پنجن منٽن لاءِ سندس سندر مکڙي ڏانهن نگاهه ڪري چوي، "ڀئين ڀاڀي ڪاڏو ڏاڍو سنو ناهيو اٿيئي." ۽ هوءَ جيڪر لڄ ۾ لال ٿي پچي وڃي رنڌڻي جي ڪنڊ ۾. منهنجي من ۾ ڪنهن راڳ جي سٽ ڦٽڪي، پرسنتا سان ڪاڏو رڌيندي رهي.

ٽي نيون بئنگون ۽ هڪ ريڊئي جوباڪس ۽ ڇهه ست ننڍا داگينا اچي ويا. اونهاري جي سخت اس ۾ ٽڪسيءَ مان لهندي گلاب پنهنجي چمڪندڙ نرڙ تان پگهر جون بوندون اگهي، گهر ڏانهن نهاريو. هڪ دريءَ جي ڪنڊ کان ريڪا نهاري رهي هئي. گلاب ڪي دري ڏانهن نهاريندو ڏسي ريڪا پچي وئي. ٿلهن تان بار تاڙيون وڄنديندا مٿي آيا، "امان، دادا اچي ويو."

ماءُ اٿي پٽ جي پيشاني چمي ڪيس گلي لڳايو. آلين اکين کي اگهي چيائين، "اڄ جيڪر تنهنجو بابو هجي ها..." فرصت ملڻ تي چوڻ لڳيس، "پٽ، هيءَ اٿيئي چندن جي ڪنوار." ريڪا جون نظرون جهڪي ويئون. سس ڏاڍي شان سان چيو، "ڪيئن پٽ، چندن کي ڪنوار سٺي ونئي ڏني اٿم نه؟" جيئن بار پنهنجو رانديڪو بين بارن جي رانديڪن کان ڏيک سندر ڏسي ڦولجي پوندو آهي، تيئن گل ماءُ جو چهرو هنن اکرن چوندي خوشيءَ کان ڦولجي پيو. سس طرف نگاهه ڦيرڪيندي به ريڪا ڏسي ورتو ته گلاب سندس سونهن کان ڪافي متاثر ٿي چڪو هو.

سڄو هفتو گذري ويو. ريڪا هينئربي ڏڙڪ گلاب اڳيان ايندي ويندي هئي. سندس ڪپڙا هئنگر ۾ وجهي رکندي هئي. نوان نوان بوٽ ڪنڊ ۾ صندليءَ تي ناهي رکندي هئي. نيڪ ٽايون ۽ رومال ويڙهندي انهن مان نڪرندڙ عطر جي سرهاڻ کان مڳڏ ٿي، ريڪا جي اندر ۾ هڪ ننڍڙي لبلاڪا ڪر موڙي اٿندي هئي، "ڪاش، چندن ڪي به رومالن ۾ عطر وجهڻ ۽ سلڪ جي ڪپڙن پهرڻ جو شوق هجي."

"ريڪا ڀاڀي، اتي چا پيئي ڪرين. مون کي اول ڪالهوڪي جهڙي مرچڪي لولي پچڪي ڏي." گلاب رنڌڻي جي چڪنٽ وٽ ويهي سڏ ڪندو هئس.

ريڪا ڪي وسري ويندو هو تہ پاڻ ڇا پئي سوچيندي هئي. جهٽ ڪپڙا بند ڪري هوءَ رڌڻيءَ ۾ هلي ويندي هئي.

گلاب ولايت مان ريڊيو آندو هو. گهر ڪي ريشمي پردا لڳي ويا هئا. سڄي گهر جي رونق ئي ڦري ويئي هئي. گلاب ماءُ چوندي هئي، "پٽ، ڏاڍو چڱو ڪيئي جو ريڊيو وٺي آئين. مان چوندي هئس تہ ڪڏهن اسان جي گهر ۾ شاهوڪارن وانگر رونق لڳندي. تنهنجي ريڪا پاپي بہ سنان جي ڪنڊيءَ ۾ وڃي ريڊيي ۾ ايندڙ گانا ٻڌندي هئي. مون بہ ڪرايا ٿيمانس."

"اڙي هان ريڪا پاپي، تون بہ راڳ ٻڌنديون آهين؟" گلاب جڏهن اچلجي چيو، "اڄ مان تنهنجو راڳ ضرور ٻڌندس."

ريڪا جي دل نچي اٿي، هوءَ کلڻ لڳي.

"رڳو پيئي کلين، ڪجهہ چوين بہ ٿين." گلاب جي اکرن ۾ حجت هئي، پيار هو.... ليڪن ماءُ منهن ۾ گهنج وجهندي چيو، "نهيو، هاڻي گهڻ ٿيو. مان ٿي اهڙا ريل چيل رواج گهر ۾ وجهان. تنهنجي چاچيءَ جو گهر، لکن سان ٿو ليکا لاهي، پر نهرون اهڙي قاعدي ۾ ٿيون هلن، جو ڇا چئجي؟"

رات جو گوپ ۽ شيام سويل ئي ڪلئي سمهي پيا هئا. ريڪا، گلاب ۽ سس جون ٿالهيون ميز تي رکي پرپرو وڃي ڪا فلمي اخبار پڙهڻ لڳي. گلاب ۽ ماڻس ڏيري ڏيري ڳالهيون ڪندا رهيا.

گلاب چيو، "امان جنهن ڪي پيار ڪندڙ ۽ سهڻي زال ملي ٿي، اهو وڏ ڀاڳي آهي."

ماءُ چيو، "آهي تہ ٺيڪ، پر توکي ڪو سهڻيون ٻانهون نٿيون مليون ڇا؟ پاڻيهي ملئي ٿين واريءَ ڪي چيئہ تہ ڇوڪري کهڙي بہ هجي، پر ناڻو خوب ملي."

"امان، آخرب گدرا تہ هٿ ڪونہ ايندا. گهر ڪي بہ تہ چاڙهڻو آهي. ڏس رقم هئي تہ ان ڪان ڇهوٽي تہ ڪري آيو آهيان. ترس، ولايت جو بيو چڪر هڻندس تہ سونين ٿالهين ۾ کائينديون."

ريڪا ان وقت پاڻيءَ جا گلاس ميز تي رکيا تہ ڏير جي ڇهري ڪي ڏسي ولڙي تي ويئي. گهڙي ڪن اڳ جتي سياري جي اڪيلي رات جهڙي اداسي ڇانيل هئي، اتي هينئر اميدون ٻهڪي رهيون هيون. هوءَ وري اخبار پڙهڻ لڳي. سندس دل چيو: "گلاب وٽ پيار آهي... پر سندس عمر فقط پئسي ڪني ڪرڻ ۾ ئي گذري رهي آهي. ڪهڙو نہ چڱو ٿئي ها، جي ڪيس ڪا سندر گڻوان استري ملي ها."

ايتري ۾ ماءُ ذرا واڪي سان ريڪا جي ٻڌڻ لاءِ چيو، ”ها پٽ، سڀيون سڪٽيون ٻانهون وٺي، وري کهڙو سک ٿو ملي. مڙس ويچارا سڄو ڏينهن نوڪري ڏين، تڏهن اهو ڪونہ ملين، جو شيل شڪار ڪري دل وندرائين. پوءِ اهڙي سونهن کي ڏوڙ پيئي.“

ريڪا سس جو طعنو ٻڌندي بہ اخبار جي صفحن تي نهاريندي رهي. آخر ننهن کي کهڙو حق آهي جو پنهنجي ڏير ۽ سس جي ڳالهين ۾ دخل ڏئي؟ پر سندس جسم ۾ هڪ اهڙي جلن پيدا ٿي ويئي، جو هوءَ اتي وڌيڪ ترسي نہ سگهي. هڪدم پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي.

(5)

لڇمڻ جو ڏينهن هو. گل ماءُ جي گهر ۾ سڄي پاڙي جون نياڻيون ڪنيون ٿيون هيون. گل ماءُ کين اڇن چانورن جي کچڻيءَ مٿان کنڊ جون لپون پري وجهي ڏنيون. وري تيل جي وٽي کڻي آئي، سڀني جي مٿي تي تيل جي آڱر آڱر مکيندي ويئي. ريڪا کي چيائين، ”ريڪا ڌيءَ، پاٽي جلدي گلاس تہ پري ڏين، تہ ڇوڪريون ”ان ڌن“ چون.“

ڇوڪريون شبنم جيان پوتر. ڪي ڪلي رهيون هيون تہ ڪي لڄ ۾ ٻئي لڪيون. آفريڪا مان 6 سالن جي مسافري ڪري گلاب مان گلابراءِ ٿي آيل، ڪرسيءَ تي ويهي، ڏاڍي چاهہ سان هنن ”ڳنوار“ ڇوڪرين کي جاچي رهيو هو.

ڇوڪرين ٿالهيءَ ۾ هٿ ڌوئي، ٿالهيءَ جي چوڌاري چڪر ناهي جوٺي پاٽيءَ جا ڇنڊا اڇلائيندي چوڻ شروع ڪيو، ”ان ڌي، ڌن ڌي، ڌوليءَ ۾ ننهن ڌي. ڪاڪو ڪڻي ڪوڪلا، جوٽس جڻي ڇوڪرا. اکريءَ ۾ ڪک، ڪاڪو ڪٽي آيو لک. اکريءَ ۾ ڏاٽيون. دعا ڪنس نياٽيون.“ ساڻئي سات ريڪا ۽ گل ماءُ کلڻ لڳيون. گل ماءُ پٽ کي چيو، ”ٻڌءِ چا ٿيون چون. ننهن بہ ملي، ڇوڪرو ڄڻيائين تہ لکن بہ ڪٽي آيو آهين. ڌي آنو آنو سڀني ڪنيائن کي.“

گلابراءِ آنو آنو ڏيندي اداس ٿي ويو. سوچيائين ”ننهن بہ ملي، ڇوڪرو بہ ڄڻيائين.... پر هن وقت ٻئي ڪٿي آهن.“

ساڍا ڇهہ سال اڳ، ديوي هن گهر ۾ آئي هئي، تڏهن بہ گل ماءُ نياٽيون ڪارايون هيون. پر تڏهن کين ٻئسو ٻئسو خرچي ڏنو ويو هو ۽ ستت ئي گلاب راءِ روانو ٿي ويو هو. ڇهن مهينن کا پوءِ ئي ماءُ لکيو هو، ”پٽ تو وٽان تہ اجا پيسو ڪوڏي ڪونہ ٿو اچي، هتي تنهنجي تہ ڪنوار جي ڪٽ پٽ شروع ٿي ويئي آهي. اڄڪلهہ جي ڇوڪرين کي تہ جيڪا گهٽ پوي تہ سس جو مٿو ٿيون ڪٽين. ڳالهہ ايتري حد تي وڃي پهتي جو هڪ ڏينهن ديويءَ جو پيءُ هلان ڪري آيو. چي، ”مون مٽين سوڌي ٻانهن ڏني، پنج هزار روڪڙا ڏنم، تہ بہ توهين منهنجي ڌيءَ کي دکي ٿا

رکو، ڪڪئنس نوڪرن وانگر گهر جو ڪم ونتو. وري نڪو فروٽ نڪو ڪير پياريوس. چوڪريءَ کي اندر پورو ڪندا ڇا؟ ڪٿل ڪيو ڏيتيءَ ليتيءَ واري رقمباهر، نہ تہ ڪورٽ ۾ ٽنگڪي ڇڏيندوسانو.” تہ ان وقت ڪاوڙجي چيومانس، ”ڪٿل ڪير، اسين يا توهين، جيڪڏهن ڪورٽ ۾ ڪيس ڪرڻ جي ڌمڪي ٿا ڏيو. ونئي وجو پنهنجي ڌيءُ کي، هتيبڪ ٿي مري تہ ڏسان توهين گهڻو وقت ٿا پاليوس؟، ديويءَ جي پيءُ ڏيءَ کيبانهن کان ڇڪي چيو، ”هل گهٽا هنن ڪٽلن جا درجا سنم.“ ۽ سيني جي اڳيان ديوي ڪڙيءَ واريبوٽ سان نڪ نڪ ڪندي جنگ ڪٽي موٽيل سپاهيءَ وانگر هلي ويئي.”

ٽن مهينن کان پوءِ وري ماءُ لکيو هئس، ٻچا واڌايون هجنئي، توکي پٽ ڄڻو آهي. ديوي پيڪي گهر آهي، ان ڪري اڪين سان ڪٽي نہ ڏٺو اٿم تبہ آس تہ پوري ٿي اٿم. اڄ مان پوٽي واري ٿي آهيان.”

ان مهل آفريڪا جي ڳوٺن ۾ ڦيري ڪرڻ لاءِ گلابراءِبجڪو ڪلهي تي ڪنيو هو. پر ڇني پڙهي هو ڪيتري دير تڪين آرام ڪرسيءَ تي وينو رهيو هو. ڪيس هڪ منو منو احساس ٿي رهيو هو. هڪ ننڍڙو گلابي مکڙو سندس اڪين اڳيان ڦري رهيو هو ۽ هن ننڍڙن معصوم هٿن کي، اس ۾ پٽڪندڙ پنهنجي کهري چهري کي ڇهندو محسوس ڪيو هو.... اڇبہ هنن نياڻين جي، ”جوٽس جٽي چوڪرا....“ واري سٽ ڪيس پٽڪڙن هٿن جي ياد تازي ڪرڪي ڇڏي هئي.

رات جوبستري تي ليٽندي گلابراءِ پڇيو، ”امان، ديويبس هميشهہ لاءِ يڪي پيڪي گهر رهندي؟“

ماءُ جي دل پڇي پيئي. چيڪين، ”پٽ، منتون ميڙون ڪري چندن جي وهانءَ ۾ ونئيڪي سانس. هيترا سال پيڪي نہ رهي ها تہ گهر جوبہ ڪو نالو هجي ها ۽ چندن کيبہ تڪن سوڏيبانهن ملي ها. پر شل نہ ههڙي ننهن ڪنهن جي ڀاڳ ۾ پوي، ڏاڍي مڪٽن جي ناٽي جي مغز ۾ پنواٽي اٿس.”

”مانبہ امان پورا ٿيهہ هزار رپيا ڪٽي آيو آهيان. جڏهن ٺئين جڳهہ ونئي ويهندس، تڏهن ڏسج ڪيئن نہ ٿي اچي پير چمي.“

ريکا ان وقت ڪير جو پيالو ڪٽي پتيءَ وٽ وجي رهي هئي. سندس نس نس ۾ ديويءَ لاءِ ڌڪار پرجي ويو. پتيءَ سان سربستي ڳالهہ ڪري چيڪين، ”ديوي اهڙي نيچ استري چو ٿي آهي؟ جڏهن پتي غريب هو، تڏهن پيءُ جي گهر هلي ويئي ۽ جڏهن پتي شاهوڪار ٿيو آهي، تڏهن اچي گير گير ڪنديس. شاهوڪار گهرن جون چوڪريونبہ اهڙيون نيچ ٿي سگهن ٿيون؟“

چندن چيس، ”استريءَ کي صدين کان وٺي پيٽ قوت خاطر مرد جي واهر لاءِ نهارڻو پيو آهي، ان جي منورتي اها نہ ٿيندي تہ ڇا ٿيندي.“

ريکا کن لاءِ پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي چيو، ”ليڪن سڀ استريون تہ اهڙيون ناهن.“

”جن کي عقل ۽ شناس آهي، سي برابر اهڙيون ناهن.“

ريکا ڏير جي ۽ چندن جي خيالن تي سوچيندي سوچيندي سمهي پيئي. صبح سانجهيءَ ڪمري ۾ گوڙ ٻڌائين تہ سمجهيائين ضرور گلابراءِ جي مٽين جڳهہ وٺڻ ۽ فرنيچر آڻڻ جي رٿن تان ماءُ پٽ جو زور سان ڳالهائڻ ٿيو هوندو. ڇو تہ ڪن ڏينهن کان اهڙيون گهٽيءَ ڳالهيون ٿي رهيون هيون.

ليڪن هيٺ ڪنهن نندي نيٽيءَ جو آواز ڪن تي پيس. هوءَ تڪڙ ۾ در کولي ٻاهر آئي تہ ڏٺائين سامهون ڪٽ تي ويٺي ديوي سس سان منهان منهن ڳالهائي رهي هئي. سس چئي رهي هئي، ”اوڏي مهل تہ پيءُ سان مٿين اٿين پڳيون جڻ اتي رڌو ڪنو پئي ٺريو. وري چندن جي وهانءَ ۾ ڪوٺي آئيسانءِ تڏهن تہ ٿڪ ۾ ٿي ڏينهن مس رهينءَ. سمجهيئہ بس غريب آهن. تن کي شهر ۾ خوار ڪندي ڦرندينءَ. ڪوٺي اچ تہ پٺهين کي، جيڪو وٺي ويو هوءِ، تہ مان بہ هاٿي لاک لاهيانس.“

ديويءَ پريل گلي سان چيو، ”هو ڪليو وينو ڇوي تہ تنهنجو مڙس ڪمائي آيو آهي، ان کي وجي پيرين پئہ. مون وٽ هيٺ تو لاءِ ڪوڏيءَ ڪانهي. سڄي شهر ۾ گلا ٿي پيئي آهي تہ پرڻيل ڌيءَ در تي ويٺي اٿن.“

”هاٿي گلا ٿي پيئي آهي.“ گل ماءُ اکر اکر تي زور ڏيئي چيو، ”پوءِ هشي هشي ڪري ڌيءَ کي وٺي ڇو ٿي ويو؟ اکرين ۾ مٽا وجهبا آهن تہ مهرين پر ڪونہ ڏجبو آهي. ڏئي نہ هاٿي گلا ڪي منهن؟“

ريکا ڏٺو تہ گلابراءِ زال جي پنيان بيهي ماءُ کي نرم ٿيڻ لاءِ اشارو ڪري رهيو هو. هوءَ دل ۾ سوچڻ لڳي: ”آخر پتي بہ پنهنجي پتنيءَ جا اوگڻ نہ ڏکيندو تہ ڪير ڏکيندو.“ ايتري ۾ گل ماءُ چيو، ”چڱو، هاٿي هتي رهڻو اٿئي تہ پنهنجو تڪبر ڇڏي پوءِ اچي رهہ. سانجهيءَ جو وجي پيڪي گهران ڪپڙو گندي ڪٽي اچج.“

ديوي گهر ۾ تہ اچي رهي مگر هڪڙي مهيني اندر ڦرڪوٺي ڦري ويو. هوءَ هاٿي گهر ۾ نهي نڪي ويٺي هئي. ري ڪوٺي پيڪي گهران واپس اچڻ جو ٻڌڻ وسري ويو هئس. هيٺ هو سرير کي لوڏو ڏيئي سس کي طعنا تنڪلبہ هٽندي هئي.

گل ماءُ هونءَ ته شير هئي، پر گلابراءِ جو ڄڀڀو ۽ پاڻ لاءِ روزمروز گهٽجندڙ قرب، ڪيس ڪنهن اوچتي خرابيءَ لاءِ آگاهه ڪندو هو. هوءَ اڪيون پٽي پٽي ڏسندي هئي ته گوپ ۽ شيام ڪي اڏ اڏ ڪوپ مس ڪير نصيب ٿيندو هو، پر ننڍڙي سندر کي، ديوي ڪوپ ڪان ڪنوبه گهٽ نه ڏيندي هئي. هڪ ڀيري ديويءَ کي ورجڻ لاءِ اجان پٽڪو ڪڍيائين مس ته هن هڏيءَ مان چيس، "شڪر ڪر جو منهنجو گهوٽ ايترو ڪمائي آيو آهي، نه ته جڻ سڀ روز روز وينا ڪير جا ڪوپ ڪوپ پيئندا هئا؟"

ريڪا جڏهن ديويءَ کي ههڙي نموني ويڻ وهائيندي ڏسندي هئي، تڏهن دلهئي دل ۾ پڇندي هئي: "هيءُ ڪو استريءَ جو روپ ٿيندو آهي؟"

ڏيري ڏيري گهپي وڌڻ لڳي. گلابراءِ سارو وقت گهر ۾ ويهي ويهي خفي ٿيندو هو ۽ مڙس سٺ نه ميڙي ڪيهه، وارو ليڪو ڪري ويهندو هو. هڪ ڏينهن لچندي لچندي ديويءَ اچي مڙس کي چيو، "توهين هن گهر جي پوريائي ڪڏهن ڪونه ڪري سگهندا. ڪڏهن مصالحو ڪونهي، ڪڏهن صابڻ ڪونهي، ڪڏهن گيهه ڪونهي، هاڻي اڄ پاپڙ ڪونهن." ساهي ڪٽي چيائين، "رڳو پاپڙ پيا هئا، سي سندر معاملو ڪيو، تنهن کي پڇائي ڏنم. هاڻي گوپ ۽ شيام ضد ڪري وينا آهن ته اسان ڪيهه پاپڙ کپن."

گلابراءِ وڳڙجي ويو، گوپ ۽ شيام کي هڪ هڪ ٿڦڙ وهائي ڪڍيائين.

ماءُ چيو، "سري رام."

گلابراءِ جو دماغ گرم ٿي ويو. منهن ڇڀو ڪري چيائين، "پوڙهي، تو ڇا لاءِ سري رام چيو؟"

"پٽ، گرم نه ٿيءُ. سندر پلي ڪلهي، مان ارهي ڪانه آهيان، پر گوپ ۽ شيامه ڪنهن ماءُ جي گجيءَ مان ڄاوا آهن. هيڏڙومبارمبه پاپڙ ڪلهي، گوپ ۽ شيام ڏسندا رهن، چو؟" ماءُ پنهنجي جوش کي ڄپائيندي چيو.

"مون اصل چيو نه هيءَ سندر کي ڏسي سهي ڪانه سگهندي،" ديوي چيو.

"ڪلهه جي ڪڪري، توئي ته گهر کي ڦٽايو آهي، نه ته منهنجو گلاب ٿو پٽئرن تي هٿ هلائي؟ سجو ڏينهن ويني مڙس جا ڪن پرين..." هينئر گل ماءُ جي صبر جو پيالو ٽمٽار ٿي چڪو هو.

پر گلابراءِ تي الٽو اثر پيو. هن پچرجي چيو، "تنهن جو مطلب، مان زال جو مجو آهيان؟ ان جي چوڻ تي ٿو هلايان؟"

"نه ته ڇڇو اچي منهنجنٻارن تي هٿ هلائين؟" ماءُ اڄ پاڻ تان ضابطو وڃائي ويٺي. "چو، منهنجلٻار ڪي هتان هتان آيا آهن ڇا؟"

”منهنجلپار.“ گلابراءِ جي چاتيءَ تي جڻ مترڪي جو ڌڪ لڳو. ”مان تڌهن گهر ۾ ڌاريو آهان؟...“ هو ماٺ ميٺ ۾ٻئي ڪمري ۾ هليو ويو. منجهند جي روٽيٻه ان ڪمري ۾ کاڌائين. رات جو پتي راندبہ نہ ڪيائين.

رات جو جڏهن چندن موٽيو. تڏهن ماءُ ڪيس پاسي ۾ ويهاري سارو احوالٻڌائڻ لڳي. چندن ڪجھ پاءُ جي هلت تي ناراض ٿي ۽ ڪجھ ماءُ کي ڌيرج ڏيارڻ لاءِ چيو. ”امان. ضرورت کان وڌيڪ ناٽو هٿ ڪرڻ سان انسان جو ڪڏهن ڪڏهن هوش ٺڪاڻي نہ رهندو آهي.“ چندن اهي اکر تہ آهستي چيا پر الاجي ڪيئن گلابراءِٻڌي ورتا. تنهنٻئي ڪمري مانئي رڙ ڪري چيو.

”اهو تنهنجو هوش ٺڪاڻي نہ هوندوٻاقي مان جي اهڙو هجان ها تہ رڳن جو رت ڏيئي جيڪو ڪمائي آيو آهيان. سو سڀ هيئن توهان جي مٿان لٽي پورو ڪريان ها. جيئن آيو آهيان تيئن ڇھ سئو رپيا خرچي ڇڪو آهيان.“

چندن ڏٺو فضول جهڳڙو ٿو وڌي وڃي. ان ڪري چيائين. ”شايد امان توکي سمجهڻ ۾ غلطي ڪئي آهي. مگر توکيبہ پاڻ تان ضابطو وڃائڻ نہ گهرجي.“

پر گلابراءِبس ڪرڻ وارو نہ هو. چيائين. ”اجا ڪتي ڳالھ پيئي آهي. ٺئين جڳھ وٺي وڃي ويهنداسين. تڏهن تہ هي سڙيل الاجي ڇا ڇا چوندو. مان ديوي تي اعتبارئي ڪونہ ڪندو هئس. مگر اڄ ڏسان ٿو سچ پچ منهنجو ناٽو ڏسي. تون حسد جي اگ ۾ جلي ويو آهين. مڙسي هجيئي تہ ڪمائي ڏيکارٻين کي ڏسي ڇو ٿو ٿڙڪين؟“

هاڻي گل ماءُ ڳالهائڻ لڳي. وڌوبگيڙو مچي ويو ۽ گلابراءِ سيني کي ٺوب گاريون ڏيندو رهيو. آخر پٽ ۾ زور سان ”تو“ ڪندي چيائين. ”ڪٽلہئي رهجو. گهٽا ڏينهن رت ڏنومانو. پر قدر ڪونہ ڪيو. هاڻي جدا رهندس تہ پاڻيهي ڪپات ڪلندو.“

ٻئي ڏينهن جڏهن گلابراءِ. ديوي ۽ سندر سچ پچهئي ڪنهن هوٽل ۾ جدا رهڻ لاءِ تيار ٿي ويا. تڏهن گل ماءُ ڦٽي هيانو سان روئڻ لڳي. هوءَ ڦتڪي ڦتڪي لچڻ لڳي. ”ساري عمر غريبي ڏٺم. چتيون وجهي انگ ڍڪيم. پٽيونٻڌي پيٽ پاليم. مس وڃي مچي مانيءَ واري ٿيس. اهو ٻہ پگوان ڪونہ سنو...“

”پگوان ڪونہ سنو. ڪين هن ڪٽل چندوءَ ڪونہ سنو. جيڪو هليو آهي ڍيڪ اچلڻ تہ ضرورت کان وڌيڪ ناٽي منهنجو هوش ٺڪاڻي نہ رکيو آهي.“

ماءُ چيو. ”انهيءَ تہ گهر جي ستياناس ڪئي آهي نہ. جي تو وانگر وڃي اهوبہ هزار ڪمائي اچي تہ ڇو جيڪر هڪڙي تنهنجو ويهي رت پيئون.“

ريڪا پهرين سس طرف ڏٺو ۽ پوءِ ڏير ڪي چتائي ڏسندي رنڌڻي ۾ هلي ويئي.

گلابراءِ آهستي چيو، ”هوءَ جوٽس ڏس. ڪيئن نهاريندي ٿي وڃي. جڻ سندس هڙ ڪٽي ويا آهيون.“

ريڪا رنڌڻي جي چائنٺ تائين پهچندي سيڪجهه پڌو ۽ ماٺ ۾ سوچڻ لڳي: ”جهڳڙو ڪهڙين ڏرين جي وچ ۾ شروع ٿيو ۽ ڪٿي وڃي حد ڪئي اٿس.“ ڪيس چڱيءَ پر خبر هئي ته چندن سيڪجهه پڌي رهيو هو تنهه عجب جي ڳالهه هئي، جو هن هڪ اکر به نه ڪچيو. اڄ ريڪا ان اڏول شانت سروپ ڪي من ئي من ۾ نمسڪار ڪرڻ کان سواءِ رهي نه سگهي.

آخر جيڪي ٿيڻو هو سو ٿيو. گلابراءِ ڪولابا ۾ فليٽ ورتو. ماءُ ۽ ننڍا ڀائر به ساڻس گڏ وڃڻا هئا. ريڪا جو منهن لٿل ۽ اکيون سجيل ڏسي ملڪين لڳو جڻ هيئنرئي روئي ملي هئي. روئڻ ته ٻه ڏينهن اڳوائئي چالو ٿي ويو هئس، جڏهن کان پيتين تان فوٽا لٿا هئا ۽ پيتيون ٻسيون ٻسيون، اداس اداس ٿي ڪيس يادگيري ڏيارڻ لڳيون هيون ته ٻن ڏينهن کان پوءِ، هيءُ گهر سڄو سڄو اڪيلو جهڙو ڪندهر ٿي ويندو. هن رنو ٿي پر خبرداريءَ سان، جيئن ديويءَ جي اڳيان سندس اکين مان آنسو نه ڳڙن. چو ته ديويءَ اڳيان روئڻ ۾ ڪيس پنهنجي گهٽتائي ٿي لڳي. ٻاسڻ الڳ ڪيا ويا هئا. پنهنجي حصي لاءِ رکيل ٻه ننڍڙيون ديڳڙيون، هڪ ٿالهي وغيره ڏسي ريڪا جي دل گهگهون ٿيڻ لڳي. پٽ تان ننڍو ۽ وڏو گهڙيال لاهيندي، ڪيلن مان سپ هئنگرس ميڙيندي، درين تان ريشمي پردا لاهيندي، ديوي ريڪا طرف نهاري، سس کي چوڻ لڳي، ”هي سڀ سندر جي دادا آندا هئا.“ ريڪا جو ته ان طرف ذروبه ڌيان ڪونه هو، هن کي ته وچوڙي جا وڍ ٿي پيا. دل پيئي چويس، ”ڏاڍا ڪي ڏنگا، پنهنجن ۾ ته ويني هئس.“ سس جا ڪپڙا پيتيءَ ۾ سهيڙيندي ريڪا چيو، ”امي، هاڻي وساري نه ڇڏجو. روز روز پيا اچجو. نه ته مون کي ته اڪيلو گهر کائڻ پيو ايندو.“

ديوي، جا ڦڙ ڦڙ ڪندي، تڪڙو تڪڙو پنهنجا ڪپڙا ناهي رهي هئي، تنهن چيو، ”اسين جڻ گهر کان وڏيڪ آهيون. جو روز ايندا سين ۽ تون مڪياٽي ٿي ويني هجج.“ اونهاري جي گرم لڪ وانگر ديويءَ جو اکر اکر ساڙيندڙ هو. پر ريڪا ۽ سسٽس فقط هڪٻئي ڏانهن نهاريو ۽ ماٺ رهيون. ديوي ته پڄرندي رهي.

چيلڪين، ”امي چوينس به نٿي ته غرض تنهنجي، اڪيلي تون ٿيندينءَ. اسين چا لاءِ تو وٽ ڌڪا ڪائينداسين.“

ريڪا کي هڪ وار دل ۾ آيو ته چئي ڏئيس ته ”ديوي، هيئن چو پيئي ريءِ ماهه جلين؟ پر ويندڙ کي چا چوي. هوءَ خاموش رهي. اڄ ديويءَ جي ساري زور هئي. هوءَ ڪجهه ڇئي سگهيس ٿي.

گهر مان موڪلائڻ وقت، گل ماءُ جي اکين مان پاڻيءَ جا جهرنا لهي پيا. ريڪا کي ڳراهڻي پيئي چيائين، ”تو گلڙيءَ کي ڇڏڻ تي دل نٿي مڃيم، پر ڇا ڪريان. گلاب ڪيئن دل ۾ ٿيندو ۽ مان ته چوان، سڄي عمر پورهيا ڪيم. هاڻي ته ڪو سکيو ٽڪرو کائي ڏسان؟

ريڪا جي اکين ۾ اجائي آنسو نه آيا. شيام ته مئين جڳهه ۾ وڃڻ جي خوشيءَ ۾ مست هو. للبت گوپ مايوس هو. ريڪا کي انهن جو مستڪ چمنديءَ روئڻ ڪونه آيو. هوءِ مٺيءَ هليا ويا. ديوي جتيءَ جي ڪڙيءَ سان نڪ نڪ ڪندي پنهنجو روب ڏيکاري رهي هئي. ساري گهر مان پسنديءَ جون شيون چونڊيندي پاڻ ڪيئن بلڪل رڏل پئي سمجهائين ۽ اهڙيءَ نوع ۾ ”چڱو ريڪا“ چئي مصالحن جون شيشيون ۽ ڳوٽريون وغيره ڏول ۾ رکندي هلي ويئي. ننڍڙي سندر چيو، ”ريڪا پاپي ٽاٽا؟“

ريڪا پٽڪڙي شيطان کي جيئن ئي ڳل تي چمي ڏني، تيئن جڻ درياءَ جو بند ڀڄي پيو. هوءَ ڊوڙندي هلي ويئي. جنگ ۾ قتيل سپاهيءَ جيان وڃي اونڌي منهن کٽ تي ڪري، خوب رنائين، سڏڪا ڀري ڀري رنائين. وهاڻو پسندو رهيو ليڪن غم نه گهٽيو.

(6)

رات جا ساڍا ڏهه لڳا هئا. چندن اجان گهر نه موٽيو هو. برسات پوري ٿي چڪي هئي. باهر گهو گهو ڪندي، رڪي رڪي ڇڇهرين مان ٽمندڙ پاڻيءَ جي آواز کي گود ۾ ڪٽندي، هوا ڪنهن نامعلوم هنڌ ڏانهن ڀڄندي ٿي ويئي. ريڪا پنهنجي گرم بدن تي ٿڌي هوا جو سپرس پيئي وڏيڪ پيچينيءَ سان سوچڻ لڳي: ”آخر هن قسم جون راتيون ڪيستائين هلنديون؟“.... ”ساري عمر؟“ هوءَ پنهنجي خيال تي ڏڪي ويئي. ”نه.... نه ليئن ڪيئن ٿيندو؟ ڇا هيءَ ڪا رهڻ لائق زندگي آهي؟ رڪي رڪي پٽجهڙ جيان ئي مزي. سارو وقت اڪس ڪم. زبان تي اڪس ماٺ جي مهر. جڻ اٿاهه شانتيءَ جو ساگر آهي. آخر ”وه ساگر ڀي ڪيا جس مين طوفان نه آئي؟“

رات جي اونداهي گهاٽي ٿيندي رهي. ريڪا اوباسي ڏني ته ڪيس ڇاتيءَ جي مٿئي پاسي، هلڪو درد محسوس ٿيڻ لڳو. هن محسوس ڪيو ته اڄ دل جي پيڙا اڳي کان گهٽو وڌيڪ هئي. سبب پڇڻ لاءِ هن پنهنجي اندر ۾ جهاتي پيئي ڏني. دل هڪ عجيب چتر پيش ڪيو: صبح جو جڏهن پاڻ سنان ڪري، ڊگها ڊگها سونهري وار سڪائيندي اچي آئيني جي پرسان بيني هئي، تڏهن دل

اندر هڪ ننڍڙي تمنا هش هش ڪندي چئي رهي هئس: جڏهن ڪان تو جوانيءَ ۾ پير پاتو آهي تڏهن ڪانئي تو وٽ هڪ چاهنا رهي آهي تہ هنن سندر وارن ۾ خوشبودار تيل مکي، جڏهن پريتم جي ويجهو لنگهنديس، تڏهن هو ازخود کين چمي وهندو، ۽ مڏرتا سان منجهن پنهنجون آڱريون ڦيريندو رهندو، ايستائين، جيستائين دل ۾ مسرت ڦهلجي ڦهلجي سيسراٽ جو روپ اختيار ڪري ڇڏيندي. پر چندن کي اهڙي فرصتئي ڪٿي هئي.مٿيني جي پرسان وارن کي سينگاريندي رهي. جڏهن ٻنهين جا گل وجهي ڏگهين چوٽين کيٻنهي پاسي ويڙهي اٿي، تڏهن ننڍڙي روپي ڄبليءَ مان تلڪبڙي ڪٽي نرڙ تي چنبڙايائين. ان وقت سندس چپن تي ٿوري مسڪراهٽ ڦهلي ۽ وڏي ساري مکڙي تي ڦهلجي ويئي. ان ڪان پوءِ هوءَ خودبخود اداس ٿي ويئي ۽ مٿيني ڪان پري هٽي ٻنهين جا گل لاهي هڪ ڪنڊ ۾ ڦٽا ڪري ڇڏيا هئائين.

اچانڪ دروازي تي ڪڙڪو ٿيو. چندن خالي هٿ لوڏيندي ڌيمن قدمن سان اندر گهڙيو. ريڪا پتيءَ جي ٿالهي پڪڻ لاءِ رنڌڻي ڏانهن وڃڻ لڳي. چندن ڪٽ تي ويهي چيو، ”ترس“ ريڪا پتيءَ ڏانهن نهارڻ ڪانسواءِ ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهي. هوءَ اڄ ڪنهن اهڙي دک ۾ٻڏل هئي، جو اهوبہ ڏسي نہ سگهي تہ چندن سندس اداس چهري کي ڪيتري وقت ڪان ڏسي رهيو هوٻتيءَ جي روشنيءَ هيٺان وينل ريڪا کي سندس پڪڙيل ڪکن وارن ايترو تہ سندربڻائي ڇڏيو هو، جو چندن جي دل ۾ پتنيءَ لاءِ هڪ موهہ جي تار جاڳي پيئي. ليڪن ريڪا کي اجلبہ ڪنڌ مٿي ڪڻندو نہ ڏسي، هڪ ڏگهو ساهہ ڪٽي چيائين، ”چڱو ٿالهي پڪئي اچ.“

ريڪا ڪاڏي پيتي جي تانگهہ لاهيٻستري تي پاسو ورائي سمهي پيئي. چندن ٿورن منٽن لاءِ ڪمري ۾ اچ وڃ ڪندو رهيو. پاڙي جي گهڙيال يارهن جا ٺڪاءُ هنيا. چندنٻستري تي ويهي رهيو. ريڪا جي اکين ۾ ننڊ تہ هڪ ڪن لاءِبہ ڪانہ آئي هئي، ليڪن جڏهن چندن پڇيو، ”ننڊ اٿئي ڇا؟“ تڏهنبہ ئي پاسي منهن هونديبہ اکيونبند ڪري ڇڏيائين. مگر هيءُ مکر گهڻو وقت هلي نہ سگهيو. جيئنئي چندن مشڪانهن ورائي، تيئنئي ريڪا اها ماٺ ميٽ ۾ هٽائي ڇڏي. چندن هڪ ڏوهاريءَ جيان هيءَ سزا چپ چاپ قبولي ۽ پنهنجو ڏوهہ ڳوليندي چيائين، ”اڄ ڪافي دير ٿي ويئي.“

ريڪا ڪوبہ جواب نہ ڏنو.

”اڄ هڪ ڪامگار جي استريءَ جي مرتيو ٿي ويو. ان جي اگني سنسڪار تي وڃڻو پيو. ان ڪري ايتري دير ٿي ويئي.“ چندن چيو. هن جي اکين اڳيان ناگوءَ ڪامگار جو اداس چهرو ڦري ويو، جو پنهنجي پتنيءَ جي آرٿيءَ کيڪئين ڏسي رهيو هو، جڻ هن جون سڀ خوشيون ان سان

گڏ هميشهہ لاءِ جلي رهيون هيون. چندن جو من وياڪل ٿي ويو. ريڪا ڪي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٻانهن ۾ جڪڙي ڇڏيائينس. پهرين تہ هوءَ ڪاٺ جي پتليءَ جيان اچل پيئي رهي. پر ٿوريءَ دير ۾ئي سندس اکين مان آنسن جي ڌارا وهي هلي. سجهيئي سڏڪلبہ شروع ٿي ويا. چندن هڪو ٻڪو ٿي ويو. لاچاريءَ جي لهجي ۾ پڇيائينس، ”تون روئين ڇو ٿي ريڪا؟“ پر هن جي لڙڪن جي لهر زور پڪڙيندي ويئي. ريڪا اجلبہ زور سان سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. پهرين تہ خودبہ نہ سمجهي سگهي تہ ڪيس ڇا ڪيي.
ڏيري ڏيري ڇاتيءَ جي ڌڙڪڻ ڪيسٻڌلئي رهي هئي: ڪاش، چندن جو سارو ڏينهن پنن تي هلندڙ اگريون چنچلتا سان سندس وارن ۾ هلن ۽ هن جو ريشم جهڙن وارن وارو مٿو پنهنجي گود ۾ رکي هو چوي، منهنجي ريڪا راڻي، تون ڪيتري نہ حسين آهين. تنهنجو چندبہ جهڙو مکڙو مدهوش ڪيو ڇڏيم. ليڪن هوءَ ڇا چوي، هيءَ سيڪجهہ چوڻ جي ڳالهہ تہ نہ هئي.
چندن جهجهلاهٽ سان چيو، ”ريڪا اڄ توکي ضرورٻڌلئڻو پوندو تہ توکي ڇا ڪيي؟“
ريڪا عاجزيءَ سان وراڻيو، ”ڪجهبہ نہ.“
”ڇا، تون نٿي سمجهين تہ مون کي تنهنجو روئڻ ڪيترو نہ دکي ڪندو هوندو.“
ريڪا جي دل اڄ ايترو تہ ڏري پيئي هئي، جو ڪيس هن همدرديءَ ۾بہ هڏي ڏسڻ ۾ملئي، جا ڪلئنس سٺي نہ ويئي. هڪدم پتيءَ جيٻڌن مان پاڻ ڇڏلئي هوا جي ويگ سان ڪمري کان ٻاهر نڪري ويئي. چوديواري ڪانٻاهر پکڙيل سنسان ڪاري رات کي ڏسي سندس من جي پيڙا اجلبہ وڌي ويئي. هن جي دل ۾ هڪ لهر اٿي: ”ڪاش، منهنجوبہ ان ڪامگار عورت وانگر مرتيو ٿي وڃي....ٻيي لهر اٿي، هڪ زوردار خواهش جو روپ ڪٽي: ”ڪاش، هوٻاهر اچي منهنجي جسم کي پنهنجي مضبوطٻانهن ۾ جڪڙي ڪٽي وڃي...“ ليڪن هو نہ آيو. دلي درد کان هن جو جسم نستو ٿيڻ لڳو. مگر پوري طرحبيوس ٿيڻ کان اڳ هوءَ سنان جاءِ جو دروازوبند ڪري چڪي هئي. هن ننڍڙي چار چورس فوٽ واري ڪوٺيءَ ۾ ريڪا جي انتر اتما چلائي اٿي، ”ڪهڙي پاپ جو ڦل ملي رهيو آهي؟ منهنجي ماتا. تونئيٻڌاءِ تہ مون کي گلن وانگر ڇو پاليو؟ مون کي گل جي پنکڙين جهڙي نازڪ دل ڇا لاءِ ڏنئہ؟ انهيءَ لاءِ تہ مون کي ڪنڊا ڇيي ڇيي ڇيري ڇڏين.... دل ڇيرجي رهي آهي پر منجهلئنس رت جو ڦڙوبہ نٿو ڳڙي، جنهن کي دنيا ڏسي سگهي. اندر جي پيڙا اندرمئي دکي رهي آهي. امي تو هڪ دفعي چيو هو تہ ريڪا منهنجو حسين خواب آهي، سندس انگ انگ ۾ منهنجي ڪلپنا جي سونهن پريل آهي.“
امي، اچي ڏس، تنهنجي حسين خواب جو شيشو چور چور ٿي رهيو آهي...“

آڪاس ۾ وچ جو چمڪاٽ ٿيو. سنان جي ڪونيءَ جو در ڏڏيو. ريڪا جا سڏڪا سهمجي ويا. جڻ چوري ڪندي پڪڙجي پيئي هئي. پر هڪ جي ڏوڏي سان انساني صورتبدران، فقط ٿورا اکرئي هوا ۾ گهلجندا اندر اچي ويا: ”توکي ڇا ڪپي، تون روئين چو ٿي؟“

”مون کي پيار ڪپي، اهو پيار جنهن ۾ تون ۽ مان پلجي وڃون. پلجي وڃون هن دنيا جي هستيءَ کي. اسان جي سرير تي سندر وستر هجن. زلفن ۾ خوشبوءَ هجي. فضا ۾ گيت هجن. سنسار جون سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتي اٿلون پٿلون توکان وسري وڃن. تنهنجي زندگي مون لاءِ هجي ۽ منهنجي تو لاءِ....“

هوا جا جهونٽا در سان ٽڪرئيندا رهيا پر ريڪا جا سڏڪا نہ ٿميا. ڪافي وقت گذري وڃڻ تي ريڪا کي واپس آيل نہ ڏسي، چندن جي دل ڪنهن اڻ ڄاتل خوف کان ڏڪي ويئي: ”ههڙي رات جي وڳڙي ۾ هوءَ هيترو وقت ڪيڏانهن ويئي هوندي؟“

سارو آسمانبادلن سان ڍڪيل هو. ٿڌي ٿڌي هوا گهو گهو ڪندي ڪمري ۾ هش هش ڪندڙ فضا کي سرد ڪندي رهي. سخت مونجهاري ۾ هومٻاهر اچيبيٺو. گهنگهور گهٽائن مان آهستي آهستي ڳاڙو ڳرڻ لڳو.

چندن جي اکين اڳيانهڪ سال واري چنچل ريڪا جو نازڪ ول جهڙو جسم، هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري ۾ ڦرندو گهمندو، هر چيز کي ٺيڪ ڪندو، نظر اچي رهيو هو. هوا ۾ اڏي ويل چادرن جون ڪنڊون سنواريندي، ميرن ڪپڙن کي هڪ ڪنڊ ۾ وجي ڳوٿريءَ ۾ رکندي پلٻارن جي ڪپڙن کي سبندي، هن جي چپن تي هلندڙ فلمي گانن جون سٽون، جڻ اجلبہ فضا ۾ موجود هيون. پنهنجن خيالن ۾ محو، جيئنئي چندن اڳيرو وڌيو، تيئنئي سندس ڪنن تي سڏڪن جو آواز پيو. جڻ تہ اونهاري جي گهٽ ۽ گرميءَ ۾ اساٽيل راهگير کي ٿڌو گهڙو هٿ لڳي ويو. سنان واري جاءِ جو در کولي ريڪا کي هڪوار ڇاتيءَ سان لڳڪيٻانهن کان وٺي وجيبستري تي ليٽايئينس. ڪيتري وقت کان پوءِ مس وڃي سندس سڏڪا ٿميا.

چندنبلڪل نرم آواز ۾ چيو، ”ريڪا، تون روئين چو ٿي؟ آخر توکي ڇا کپي؟“ چندن سندس مٿو پنهنجي گوڏي تي رکيو.

”ڪجهبہ نہ.“ ريڪا پتيءَ جي گود ۾ پنهنجو منهن لڪئيندي چيو.

”هيئنئر انهيءَ ”ڪجهبہ نہ“ مان اصل ڪين ورندءِ.“ ٿورو ترسي چيئاين، ”توکي تہ هتي ڪنهنبہ ڳالهہ ۾ گهٽتائي نہ ڪئي ويئي آهي. پورو پنو ڪاڌو، ڪپڙو، خرچڻ ڪڻڻ، سيڪجهہ اٿيئي..“

مڪمل گهٽي تعداد ۾ آهن. پر انهيءَ خود غرضيءَ جي گهيري مان نڪري عورت کي پنهنجي آزاد هستي سمجهڻ گهرجي ۽ پنهنجيءَ ٻڌيءَ جو وڪاس ڪرڻ کپي. هن ڪري اکيون کولي ڏسڻ کپي ته دنيا اندر ڪهڙيون اٿلون پٿلون ٿي رهيون آهن ۽ انهن ۾ ڪيس ڪهڙو پاڱ وٺڻ گهرجي."

"توهان وانگر اخبارن ۽ پنن کي گلي لڳڻ ويهي ڏسجي ته دنيا ۾ ڇا پيو وهي واپري ۽ انسانن کي ليکجي ته...."

"ريڪا، تون اگر مون کي هڪ جنوني ٿي سمجهين. جو صرف ڪتابن ۽ اخبارن کي ئي پيار ڪري ٿو ۽ تو جهڙن انسانن کي ليکي ته نٿو ته ان ۾ تون سراسر ڀليل آهين. منهنجي پيار جي وشالتا، ڪائنات جي ڪٽي ڪٽي کي، پاڻ ۾ سمائي ڇڏيو آهي."

"جو پيار منهنجي انتر آتما کي ئي راضي نٿو ڪري سگهي، ان ۾ ڪهڙي وشالتا هوندي؟"

"منهنجي ريکا راڻي، توکي راضي ڪرڻ جيترو گهڻو پيار ته ڪري سگهان ٿو. مگر مائين ڪرڻ سان مون کي پنهنجي ڪاريه لاءِ فرصت ئي نه رهندي ۽ مون کي پنهنجي ڪاريه کان هٽائڻ جي گنهگار توکي ئي ٺيٽو پوندو."

"چڱو مون پچر ڇڏي، مون کي ڪجهه نه کپي؟"

"بحث ڪري ڪا ڳالهه سمجهڻ جو نه. پر پاڻ ڇڏائڻ جو جواب ڏيئي رهي آهين. تنهنجو ڏوهه ناهي، اسان جي بيڪار سماج جو ڏوهه آهي، جنهن...."

"بس، چڱو جيئن سمجهو." ريکا خارن مان ڇئي ڏنو. چندن مائين محسوس ڪيو ڄڻ ڪشالي سان هڪ ٻيڙيءَ کي ڪناري تائين وٺي اچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، ته وڏين وڏين لهرن جي ٿڦيڙن سندس هٿن مان نوڙيءَ کي ڇڏائي ٻيڙيءَ کي وريءَ وچ سير ڏانهن ڌڪي ڇڏيو هو. هومبيوس مانجهيءَ جيان پنهنجي پٽنيءَ کي ڏسندو رهيو. جنهن جون اکيون آنسون پيئندي پيئندي سجي ويون هيون. آخر ٻنهي کي ننڊ ڪجي ويئي.

(7)

سس جي جدا وڃي رهڻ کان پوءِ ريکا بلڪل اداس رهڻ لڳي. چندن جي سوا سئو پگهار مان، هيئنر چاليهه رپيا مسواڙ پرڻ، ريکا کي ذرا مشڪل ٿيئي لڳو. خرچ ۾ اڪيلائي سندس رهي کهي چنچلتا کسي ورتي. ايڪٽريڪٽر کي پاڙيواريون ڪٽي لنگهي اينديون هيس نه ته فقط راڌان جوئي گهڻو سنيهه ٻڌجي ويو هئس. ڪڏهن ڪڏهن چندن جا دوست ساٿس ٻهن جي"

ڪري ڳالهائي ويهندا هئا. پر اهي ڪيس ڪنهن به رستي جا پانڌيڙا معلوم ٿيندا هئا. فقط هيروئي هو جو ڪيس "ريڪا پاپي" چئي جڻ ڏير جو درجو پيئڻ جي ملبلاڪا جتائيندو هئس. هوءَ به ڪيس ٻاهريان سنها ٿلها ڪم سپرد ڪري ڇڏيندي هئي. هيري ڪي به اسڪول جي نوڪري ڏيڻ کان پوءِ ڪافي وقت ملي ويندو هو. ريڪا مهينو اڌ بستري داخل ٿي ته هيري به ڪافي خدمت ڪيس.

هڪ ڏينهن شام جو چار ڪن لڳا هئا، مٿونگا جو وايو منڊل ٻلڪ سجو ٿي لڳو. ڪٿي ڪٿي ٻارن اٿي ڏڪر راند پئي ڪئي، نه ته گهٽيون سڀ جڻ ننڊ ۾ سٽل هيون. هيرو وڏيون ٻرانهگون پريندو اچي ريڪا وٽ پهتو. ريڪا چيو، "پلي ملٽيين هيرا، مان ته اڄ ڏاڍي اداس ويٺي هئس."

هيري کٽ تي ويهي چيو، "پاپي اڄ چا، هون به ته اداسائي توسان گڏ پاچي وانگر پيئي ڦرندي آهي.... شايد تنهنجي دلي پيڙائي ان لاءِ جوابدار آهي."

"اهو تون ڪيئن ٿو چوين؟" ريڪا عجب ۾ پڇي ويئي.

"سچ سچ ٻڌيان."

"نه، ڪوڙ ڪوڙ ٻڌاءِ." ريڪا کلڻ لڳي.

"هڪ ڏينهن منهن اونداهيءَ جو، مان تنهنجي دوا ڪٽي آيو هئس، ان ڏينهن تنهنجو بخار ڏاڍو وڌي ويو هو. تو سمجهيو، چندن آهي ۽ دل جو بخار چندي وئينءَ. پگل ٽٽل جملا- "تون ديوتا آهين.... مون ڪي ڪومل ننڍڙي هستي گهرجي.... چگو نه ڪپي.... وغيره."

ريڪا جون نظرون جهڪي ويون.

"پلا هڪ ڳالهه پڇانءِ پاپي، سچ سچ ٻڌائيندينءَ؟"

"پڇ." ريڪا پريل گلي سان چيو، "جڏهن گهٽو ڪي معلوم ڪري ورتو اٿيئي، تڏهن باقي توکان چا لڪائيندس."

"تنهنجي بخار کان اڳ، تنهنجون چندن سان ڪنهن ڳالهه تان متيبد ٿي پيو هو چا؟"

ريڪا جي شڪل، ورن ورن ٿيڻ لڳي. نظر زمين ۾ کپائي، آهستي آهستي چوڻ لڳي، گهر ۾ ويهي ويهي منهنجو وقت وڏي پوندو آهي، خاص ڪري شام جو ڇهين کان پوءِ جڏهن سڀ گهر ٻهڪي اٿندا آهن ۽ تنهنجو ساٿي، مزدور يونين آفيس ۾ وڃي غريبن جا ڏک دردٻڌندو آهي، ڪين درخواستون وغيره لکي ڏيندو آهي، اهو وقت ته ڏاڍو ڏکي گذرندو آهي. ان وقت فقط هڪڙو ننڍڙو ٻارڙئي منهنجين اکين اڳيان هجي ته مان سندس نرم ٻانهون گلي ۾ وجهي

”پر مان ٿو چوان. جن جي تون چمڪ دمڪ ڏسين ٿي. انهن مان ٻه گهٽو حصو تو جهڙو آهي. اهي فقطٻاهرئين شان لاءِ مرندڙ آهن. قرض ۾ شاهوڪار مٿن ملڪتن جي ٿڌي ٿوري هيٺ ايترو ته دٻيل آهن جو سندن دلين مان وڪاس ڪرڻ جي شڪتيءَ نڪري ويئي آهي. اگر اهي ٻه پنهنجي حقيقي حال ۾ هلڻ شروع ڪن ته شايد سماج جو گهٽو دک گهٽجي وڃي. ڪيترا اهڙا گهر آهن. جتي زالون يا ڇوڪريون پنهنجو وقت صرف لڪي چلڻي يا نت نت ۾ڻي وينيون وڃائين. مگر گهر جي ڊهندڙ مالي حالت کي سڌارڻ لاءِ هٿ وٺڻ يا ڪنهن ڪلا ۾ پرٻينتا حاصل ڪري ان کي انسانيت جيءِ ٻهتري لاءِ ڪم آڻڻ. سو پڄندڻي ڪونه. اڄ وقت آيو آهي جڏهن عورت ڪيٻه نڪتو ٿيڻبدران پنهنجن پيرن تيءِ بيهي. پاڻ کي ڪارلڪتو ثابت ڪرڻ گهرجي.“

”اسان جي سماج ۾ استري پنهنجن پيرن تي تڏهنبيهندي آهي. جڏهن مرد ڪمائڻ کان لاچار هوندو آهي. استريءَ جو هڪ مکيه فرض آهي سرشٽيءَ جي اتپتي وٺڻ.“

”اگر ان فرض پالڻ لاءِبه ڪيس ڪمائڻو پوي ته ان ۾ ڪهڙي گهٽتائي آهي. تون جيڪر ڪمائين....“

”مان وڃي ڪمايان؟.....ٻسٻس هيرا. تون ته خبر ناهي ڇا ڇا چوندين. ڪٿي اسان جو خاندان. ڪٿي زال ذات وڃي ڪمائي. مان پنهنجي سک لاءِ خاندان کي ته ڪين ڪيرائيندس.“

”پر وقتئي اهڙو آهي جو جيڪڏهن ڪو ايمانداريءَ جو ٽڪر کائڻ چاهي ٿوبلڪ مارڪيٽ ۾ چوري نٻجي کان پري رهڻ چاهي ٿو. ته ان جي اڪثر ايتري ڪمائي مشڪل ٿي سگهندي جو هو زندگيءَ جون سڀ گهرجون پوريون ڪري سگهي.“

هڪ اونهو ساهه کڻي دک کي پيندي. صلبر نگاهه سان ريڪا چيو. ”خير. جيڪي ٿي گذريو سو چڱو. جنهن جا لکين غم دل اندر سانڊي هلي سگهجي ٿو. ان جو هيءُبه هڪڙو غم ڪو ماري ته ڪونه ڇڏيندو.“

هيري ڪجيو ڪونه. پر من ۾ چيائين. ”غلط خيالن جي اثر هيٺ رهي انسان پاڻ کي ڪيترو نه دکي ٿو ڪري.“

هو يڪدم واڇ ڏانهن نهاريندي اٿي کڙو ٿيو. ”اوهو هيترو ٽائيم ٿي ويو.“ چوندو چندن جي ميز تان گهرٻل ڪتاب کڻي تڪڙو تڪڙو هليو ويو. ريڪا سوچيندي رهي. ”آخر هي سڀ مرد ڪهڙي مشين جا پرزا آهن. جيڪي ٽائيم. ٽائيم ڪري منجهيو مرن ۾ هيڏانهن مان آهيان. جا

جيڪر ڪنهن سپيہ هستيءَ سان ڳالهين ڪندي, ساري زندگيءَ جون ڪل گهڙيون ٻنا چرڻ جي ڇڏي گذاري ڇڏيان.
سچ پچاڙيءَ جي ٿُڪي هٽڻ لاءِ تياري ڪري رهيو هو. ريڪا ڏسي رهي ته ڪيئن نہ سامهون وارن گهرن ۾, آفيسن مان موٽندڙ مرد, هٿن ۾ مانيءَ جي خالي ڪيل هڙ لوڏيندا وڃي رهيا هئا. هڪڙو هوا جو جهوٽو ناريل جي اوچن وڻن کي جهومڪيندو هيٺ لهي آيو ۽ جڻ ريڪا جي ڪن وٽان چوندو ويو, ”ريڪا, هيترا ماڻهو تنهنجين اکين اڳيان گذرن ٿا, پوءِ بہ تون اڪيلي ڇو آهين؟“

(8)

ٻئي ڏينهن شام جو ريڪلپاهر نڪري اچي ورانڊي جي ڏاڪي تي ويٺي. ايتري ۾ گوپي, پاڇين سان سٽيل ڳوٺڙي سامهون واري گهر جي ڏاڪيءَ تي رکي, اچيءُ بيهي رهي ۽ سهڪڻ لڳي. پر اوچتو ريڪا کي چلنت تي وينل ڏسي, ساهي پٽڻ بہ پلجي ويئي ۽ ڳوٺڙيءَ کي کهليندي, ريڪا جي نظر ٻچڪي ڦٽڻ لڳي. ليڪن ريڪا تہ ڪيس ڏسي ٿي ورتو هو. ”گوپي ۽ پاڇيءَ جي ڳوٺڙي“ ريڪا لاءِ سچ پچ نئين ڳالهه هئي. گوپي سندس ڏوراهين ملڪتياٽي هئي. حيدرآباد ۾ تہ چڱي خاصي جڳهہ جي مالڪياڻي هئي, مسواڙن مانڻ گهر جو خرچ نڪرندو هئس. هونءَ تہ پاڻ ريڪلئي کيس رستي پنڌ ڏسندي هئي تہ نظر ٻچڪي نڪري ويندي هئي. مگر اڄ خبر ناهي ڇو سندس دل ۾ انسانن لاءِ اڪير هئي. جيڪي ڏينهن بستري تي گذاريا هئائين انهن ڏينهن ۾ ئي هي جذبو پڙڪي اٿيو هئس. هيتري آرام کان پوءِ سندس من نئين چاولٻار جي جسم جيان تازو هو. منجهس هين کي اوچ نيچ سمجهڻ جي گنجائش ئي ڪانہ هئي. ريڪا پنهنجي سڄي طاقت ڪٺي ڪري سڏ ڪيو, ”گوپي“.
گوپي رڪجي ويئي پر يڪدم منهن نہ ورايائين. هڪ وار پاڇين جي ڳوٺڙيءَ طرف نظر ڊوڙايائين ۽ پوءِ منهن مٿي ڪري پڇيائين, ”ريڪا آهين؟ چاڪ تہ آهين نہ؟“
”اڄ تہ چاڪ آهيان, ليڪن پاڙي جو پاڙي ۾ خبر بہ نہ لڌي اٿيئي تہ گهڻا ڏينهن بستري حوالي پيئي هئس؟“ ريڪا ڏٺو, گوپي بلڪل منجهيل هئي ۽ ”هينئر تڪڙي آهيان“ چئي ليئن پڳي جيئن ڪاريءَ هينان ڪانءُ. ريڪا کان ڪل نڪري ويئي. گوپي مارڪيٽ مان هيٺريون پاڇيون وٺڻ ۾ نہ شرمائي آهي باقي مون کي ڏسي شرم ۾ٻڏي ويئي آهي. اسين وچولي درجي جون زالون بہ عجيب آهيون. هڪٻئي کي پنهنجو سچو روپ ڏيکارڻ ۾ جڻ چرڪون پيون. خاص ڪري گوپي تہ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ئي وچولي درجي ۾ ڪري هئي. گهوٽس بہ هونءَ جو نڪار ٿيو

لباڻي ملڪيت تي پيو عيش ڪندو هو. سو به مجبورن پوري سوري نوڪريءَ تي ولايت هليو ويو هو. ٽن ٻارن جي ماءُ گوپي هن پاڄيءَ جي ڳوٿريءَ وانگر، گهر جو بوجو ڪٽي ڪٽي سهڪي پوندي هئي.

لئين ريڪا جي خيالن ۾ اوڙي پاڙي جون ڪيتريون ئي زالون ڦرڻ لڳيون. هيري جي گفتگوءَ ڪيس وچولي طبقي جي عورت جي حالت تي غور ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو هو. هوءَ سوچڻ لڳي: وچولي درجي جي عورت ڪيتري نه دکي آهي، بي آرام آهي، ڪيس هزارين چنتائون لڳل آهن. لين دين ۾ مشڪل ٿي پوري پئي سگهي. گهر جي رڌي ڪاڌي ۾ روزانو ڪٽر وجهندي ٿي رهي. پاڙي واري راڌان جوئي مثال وٺجي: ويچاري هر ڪٽر آٽڻ مهل سوچيندي آهي ٻارن کي گهٽ ڏيان؟ نه، اهي ئي ته هونهار ٿيا آهن انهن کي ڪيئن ڪمزور ڪبو. مڙس جو ته اڌ ڪوپ کير گهٽائڻ لاءِ به تيار نه آهي، آخر اهو ئي ته ڪمائي ٿو، سارو ڏينهن ويچارو ڍڳي وانگر ٿو وهي. گهر ۾ سس اٿس، نران اٿس انهن لاءِ ڪٽر وجهڻ ڪيس صحيح معلوم نٿي ٿو، پر ان ڪان اڳ ۾ هوءَ پنهنجي ٿالهيءَ تي سندن شوخ شوخ نظرون محسوس ڪري، اندر ۾ ڏکي ويندي آهي ۽ گهٽي ۾ گهٽو وهندڙ گهٽي ۾ گهٽيون چنتائون ڪندڙ عورت، پنهنجي ٿالهيءَ ۾ سيني ڪان اڳ ڪٽر وجهڻ شروع ڪري ڇڏيندي آهي اڄ ميوي جي، سيان کير جي، پرينهنءَ آچار جي، پاپڙ جي..... مطلب ته نئين نئين چيز جي ڪٽر اچڻ سان، پراڻي چيز جي ڪٽر جو ملئرو، سس، نران ٻارن ويندي مڙس تائين وڌندو ٿي رهيو. تڏهن به ڪا پورت نٿي، اصل نه. هيڏانهن گهر ۾ ڪنواري ڪنيا واڌو ول جيان وڌندي ٿي وئي. وچولي درجي جي عورت ويچاري اڪيلي، دنيا پر جا غم ڪٽي رات جو پتيءَ جي مضبوط ٻانهن جي قلعي ۾ ڪن پل لاءِ سهارو ڳولي ٿي. ليڪن هو ڏهه ٻارهن ڪلاڪ ڪم ڪري ٿڪو ماندو گهر موٽندو آهي، ان ڪري به ته آرام گهرجي. اهو خيال ڪري هوءَ پتي جي ٽنگ کي زور ڏيڻ شروع ڪري ٿي ۽ هزارين ڳالهيون دل ۾ دهرائي وڃي ٿي. مگر جنهن وقت هوءَ دل جا داستان پتيءَ جي سڄي ڏينهن جي ٿڪل تندن تي ڇيڙي ٿي، تنهن وقت اهي تارون وڄڻ ڪان نابري واري وهن ٿيون. هوءَ خار کائي ٿي، سندس تن بدن ۾ هڪ عجيب اڱ ڄرڪي اٿي ٿي ۽ "اف" ڪرڻ ڪانسواءِ ئي پاڻ کي ان اڱ ۾ جلڻ لاءِ ڇڏي ڏئي ٿي..... هن جي اترپت آتما پتيءَ کي صبح جو گهر مان روٽي کائي نڪرڻ جي وقت تائين ڏسندي رهي ٿي. هوءَ ڪلپنا ۾ پنهنجي پتيءَ جو هٿ، پنهنجي مٿي تي محسوس ڪري ٿي جو ڪيس ڌيرج ڏياريندي جيڪر چوي:

ڪيسي مان هڪڙي چٺي ڪڍي ڪٽي ريڪا کي ڏنائين ۽ چيائين، "هاڻي گوپ جو هتي رهڻ ٺيڪ ناهي."

ريڪا خط پڙهيو ته پاڻ جهلي نه سگهي. اکين مان جل ڌارا وهي هليس. هوءَ ڪرسيءَ تي ويهي رهي ۽ چٺي هٿن ۾ چيوٽي ڇڏيائين. چٺيءَ ۾ گلابراءِ پنهنجون گهٽيئي اجايون سجايون ڳالهيون لکيون هيون، پر ملڪيئن ۾ لکيو هئائين ته، "گوپ هاڻي ٻن سالن جي اندرئي ڪمائڻ لڳندو. انهيءَ لالچ وسئي، توهين ڪيس ڇيڙي اسان ڪان چٺي ويا آهيو." هيءَ ڳالهه ريڪا لاءِ سهڻ کان ٻاهر هئي. سندس سارو تن من ڏک سان ڀرجي ويو ڪنهن طرح من جهلي هوءَ ليٽي پيئي.

ٻئي ڏينهن ريڪا ڏاڍيون منٿون ميڙون ڪري، گوپ کي موٽي وڃڻ لاءِ راضي ڪري سگهي. پر گوپ شرط وڌو ته ڪيس ٻه ساٿس گڏ هلڻو پوندو. ريڪا کي گلابراءِ جي گهر ۾ قدم رکنديئي ديويءَ جي صورت نظر آئي. هن چيو، "چڱو جو گوپ اسان سان جهڳڙو ڪري ويو جو تنهنجو درشن ته مليو. پيائي توهين ته آهيو وڏا ماڻهو. توهين ڀلا ڇا لاءِ اسان جي گهر ۾ ايندا؟" ريڪا فرنيچر سان ٺهڪيل گهر کي ڏسي پاڻ ۾ئي سڪوبي تي ويئي. ڏيرانيءَ جي روج لپسٽڪ واري چهري اڳيان ڪيس پنهنجو سادو سودو منهن چڻ ٻسو تي لڳو. ٿورو جهجهڪي چيائين، "امي ۽ شيام ڪٿي آهن؟"

"چو ڀلا، اميءَ ۾ ڪو خاص ڪم اٿيئي ڇا؟ جي گوپ جي ٻاري ۾ ڪجهه چوڻو اٿيئي ته مون سان ڳالهاءِ. انهيءَ معاملي ۾ امي ڀلا ڇا ڪري سگهندي."

خبر ناهي گل ماءُ ڪٿان اچي پرگهٽ ٿي ۽ کير جو ڪوپ ديويءَ جي اڳيان رکي، سندر کي هنج مان لاهي چيائين، "هن ته مون کي منجهائي رکيو آهي. چوي ٿو کير ڪونه پيندس، چانهه پيئندس." ريڪا سندر کي پنهنجي هنج ۾ کڻي ورتو ۽ کير جو پيالو کڻي وڃي دريءَ وٽ ٻيٺي. هيٺ هڪ ننڍو باغيچو پئي ڏسڻ ۾ آيو. ريڪا چيو، "ڏس، تون منهنجي هٿ سان کير پي وٺ ته توکي هيٺ باغ ۾ وٺي هلنديس، پوءِ پينگهه تي چڙهنداسين، ايڏو مٿي مٿي ويندسين جو اپ تائين پهچي ويندسين ۽ اپ مان تارا چٺي ايندسين."

ننڍڙو سندر کير پيئڻ لڳو ته هوڏانهن ديوي گوپ کي منهن جي ٻٽڪڻ لڳي، "مون وٽ ڇا ٻن ڏاڏن جي ڪا خزين ته ڪانه رکي آهي جو ٻئي اچي منهنجي سر تي وينا آهيو. هڪڙي پاءُ جو مئي رت پيئڻ تي پاڙي وينا آهيو. هاڻي ٿو چوين ته چندن مون کي نه ٿو رهڻي. چندن رهڻيندءِ ٻه چو؟ هڪڙي کي ته رکي ڏسي پاڻيهي خبر پئجي وجيس."

”واهه ڏاڍي چالاڪ آهين. گوپ جي ڪمائي ڪلڪڻ لاءِ ته توهين تيار وينا آهيو ۽ باقي سندس سال ڀر جي پڙهائيءَ لاءِ توهان کي پئسا خرچيندي ڏک ٿو لڳي. جڻ هڪڙيءَ پاءُ سيني کي پالڻ جو ٺيڪو کنيو آهي“ ديويءَ چيو.

گلابراءِ چيو، ”چڱو چڱو. سڄي ڪمائي توهين ڪنجوس بڻجي سالن جي اندر ئي مٽيءَ ڪري ونندو. پوءِ ڪم کي لڳي ويندو- امان ۽ شيام کي ڪجهه ڏيڻ جو فڪر نه ڪجو....“

ريڪا کي سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته پاڻ هيترا سارا سيپاڻ ڪيئن سهندي ٿي ويئي. گوپ ته هن لاءِ پنهنجي گهر جو ڀار هو. ڪمائڻ نه ڪمائڻ جي ساهمي ۾ ته هن سندس ملهه ڪونه ويهي ڪڇيو هو. نيٺ پڙڪي چيائين، ”لڳي ٿو گوپ جي توهان کي ڏاڍي چنتا آهي ته پوءِ پاڻ وٽ ئي رهايوس نه؟“

”نمبلا“ ديويءَ ٻئي هٿ جوڙي ڪنڌ لوڏي چيو، ”اسان کي پنهنجي چنتائي گهٽي آهي. مٿان ٻي ٻلا ڪير ڪٽي، ڪڏهن سوٽ ڪونهي، ڪڏهن بوٽ ڪونهي، ڪڏهن اسڪول جي في ڪپي، مطلب هر وقت ڪا نه ڪا شئي کپيئي کپي.....“

”چڱو چڱو نه رکجو. جتي هيترا ماڻهو ٿا فٽ پاٿ تي سمهن اتي مان هڪڙو به گذاري وٺندس“ گوپ چيو.

”تڏهن اها ڳالهه آهي؟ ٿي ڏينهن ڏکا ڪلڪڻ کان پوءِ به سڌريو ڪونه آهين. هاڻي فٽ پاٿ جون نوڪرون ڪلائي ڏسج. تو جهڙي پاءُ کان ته ڪنهن جانور کي پالجي ته اهو سنو آهي“ گلابراءِ غصي کان ڏڪندي چيو.

هاڻي ماءُ به گرجڻ لڳي، ”پٽ گلاب، ذرا ترتي ڏي نهاري هل. ڪهڙي خبر توکي اسان جي ٻختي ئي هيڏو ڏن مليو هجي- مون کي ڪو ٻيو هنڌ هجي ها ته هن گهڙيءَ ئي ٻارن کي ڪول ۾ وجهي هلي وڃان ها“

ريڪا چاتو ٿي ته اهڙي روزاني ڪلڪل جو نتيجو چا ٿيندو آهي. هوءَ گوپ کي اتي ڇڏڻ بدران پاڻ سان وٺي گهر هلي ملئي.

”ڏنئه نه پاپي ڪهڙا هئا هي ماڻهو به ٿي پئسا ڪمايا اٿن ته سمجهن پيا اسين سندن اڳيان نڪ گسائي هلون. پاڻ مٿان قرض ڪٽي به وينا ڏن لٽائيندا، پر اسين ٿياسين هنن لاءِ فقير جن جي پڙهڻ لاءِ به هنن کي خرچ ڪرڻو ناهي“

ريڪا من ئي من ۾ ڪلڻ لڳي. سوچيائين، ”اگر ڪو ٻار کي پاڻ جيڏو سمجهي ساڻس ڳالهائي ته خبر پئجي ويندس تہ ٻارن به ڪيڏيون عقل جون ٿو ڳالهيون ڪري. ليڪن هنن بڻ سالن ۾ ئي

ڏير جي نيت ڪيتري نہ خراب ٿي وئي آهي. شاهوڪار نہ سهين ته غريب تہ ڪين ڪوئي ڪين سڏي سگهندو. هنن جي حالت تہ اهڙي وڻ جهڙي ٿي لڳي جنهن جي پاڙن کي تہ ڪيڙو لڳي ويو هجي۽باقي سڪل پنن واريون ٽاريون اوچو ڳاٽ ڪٽي آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ آتربيٺيون هجن.

گوپ جي گڏ اچي رهڻ سان ريڪا جي اڪيلائي ڪجهہ دير دور ٿي ويئي. گوپ جڏهن ويهي ساٽس اسڪول جون ڳالهيون ڪندو هو، تڏهن ڪيس پنهنجيءَ بي فڪر اسڪولي حياتي پيئي ياد ايندي هئي. ننڍڙي، پر مقصد واري زندگيءَ جو هڳاءُ پيو ايندو هئس. پر هن وندر سان گڏ خرچ جو مسئلو بہ اچي ويو هو.

هڪ ڏينهن ريڪا گوپ جي ڦاٽل سٿڻ کي ٽوپو پئي ڏنو تہ اسڪول مان موٽيل گوپ، پنهنجي جتي هٿ ۾ کڻي اچي چيس، "پاپي، ڏس هن جي تري ۾ ٽنگ ٿي پيو آهي." ۽ ريڪا ڏنو بلڪل ترو گسي ويو هو. منجهس ٺامي جي پڪسي جيڏو ٽنگ ٿي پيو هو. گلاب ٿيلهو ڪليءَ تي ٽنگيو ۽ سوئل منهن کڻي کٽ تي ويهي رهيو.

"چو، اڄ چوٻو ماني گهرڻ بدران کٽ تي پلٿي ماري پگتي ڪرڻ وينو آهي ڇا؟" ريڪا چيڙائڻ واري نوع ۾ چيو. گوپ ڪنڌ هيٺ هونديءَ جواب ڏنو، "مون کي بہ جتي وٺي ڏي، هن جتيءَ ۾ جهلڻ جي لڪڻ واري منٽ ڪانهي. ڇوڪرا مون کي بہ ٻيو ٻيو ڪري ٿا چيڙائين."

ڇوندي ڇونديءَ ٻالڪ جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا. ريڪا جي دل پڄي پيئي. اٿي وڃي ڳراهڙي پاتائينس. سندس اکين ۾ بہ پاڻي پرجي آيو. گوپ کي آٿت ڏيڻ لاءِ چيائين، "ڇهون انگريزي ٿو پڙهين پر ڪڏهن ڪڏهن جهڙو ٻار ٿو بنجي آهي نہ."

گوپ لاءِ ٿالهي پلٽيندي مٿس هيري کي چيل پنهنجا اکر ياد اچڻ لڳا، "نوڪري ڪري خاندان کي تہ ڪانہ ڪيرائيندس." سوچڻ لڳي: "ليڪن هينئر تہ خاندان خودئي ڪري رهيو آهي. خاندان جا هوئٺهار ٿنيا هيسيل ڏڪاريل ۽ بلڪل لائي خبرلبڻجي رهيا آهن.

ٻئي ڏينهن گوپ کي اسڪول موڪلي پاڻ سوچ ۾ ويهي رهي. ٽپاليءَ اچي خط ڏنو. خط پڙهي ريڪا جي اکين اڳيان اوندهہ ڇانئجي ويئي. ڪي گهڙيون تہ سن ۾ ويٺي رهي. جڏهن هوا جي جهوٽي سان چٺيءَ وارو پنو اڏامڻ لڳو، تڏهن وڃي کو هوش آيس. چٺيءَ واري پني کي ٻيٺو چڪوٽو ڪندي ورلائيندي ويئي ۽ پڙ پڙ ڪندي ويئي: "سيلونتي هاڻي ڇا ڪندي؟ ويچاري ٻچڙن جي ماءُ ڪيئن پنهنجن ٻارن کي ٻک ۾ تڙفندي ڏسي سگهندي هوندي." سندس اکين مان لڙڪ لڙي پيا. دل چيو، "رڳو سيلونتي تہ ناهي، جيڪو ڏس تنهن جو منهن منجهيو پيو آهي.

سيڪو گهر جي خرچ جو راڳ پيو آلاپي، آخر هن ڳالهه جو ڪارڻ ڪهڙو؟ هرڪو وڃي پٽ پوندو. اهو سڀ ڇا ٿي رهيو آهي؟

جيتوڻيڪ ريڪا جي پٺتي دروازي طرف هئي تنهن ڪنهن جي اچڻ جي آهٽ پئي، سڪل چپن تي زبان ڦيرائي چيائين، ”گوپ، پاڻيءَ گلاس نه ڏج.“ ليڪن جنهن وقت چندن ڪيس پاڻيءَ جو گلاس اچي ڏنو، تنهن وقت ريڪا جا اچرج ۾ متي ڪنيل جل پريا نيڻ. ڪجهه دير لاءِ چندن جي چهري تي نظرون جمي ويا ۽ چندن ڏٺو ته منجهن انتهائي دک چانيل هو. هو منئي من ۾ ڪلڻ لڳو. ”هيءَ گهمندي چوڪري ڪڏهن دک جو پلئه ڇڏينديءَ ڪين ساري عمر روئنديءَ رهندي.“ ايتري ۾ هيري اچي چيو، ”چندن سياڻي واري ميٽنگ ڪهڙي هنڌ ٿيندي؟ ڪوٺاري ڳوٺ ويو آهي، سو سندس گهر ته پنج هفتا بند رهندو.“

”هاڻي ته منهنجي گهر ۾ ڪافي جڳهه آهي ان ڪري هتيئي ٿيندي.“

طوفان سبب اوسي پاسي جا در دريون ٺڪا ٺوڪي ڪري رهيا هئا. آسمان تي گهنگهور گهٽائون چانيل هيون. چندن چيو، ”وسڪاري جا آثا آهن، ڪن ترسي وڃج هيرا.“

اکين ۾ تري آيل ڳوڙهن کي آنچل سان اگهندي ريڪا چيو، ”آخر دنيا اندر ڇا ٿي رهيو آهي هيرا. هڪبئي کان سواءِ سڀ عزيز وڃن پٽ پوندا؟ آخر هن قسم جي هوا جو ڪوبيو سبب آهي ڪين نه.“

هيري ڏٺو، ريڪا جيلبن تي سوال چانيل هو. چندن آڏولهيندو هو. هيري پرن جي اشاري سان جڻ مائنئي ماٺ ۾ چندن کي چئي ورتو، ”تنهنجي ۽ ريڪا وچ ۾ جا ديوار نهي پيئي آهي، ان کي ڪيرائڻ جو وجهه مليو اٿيئي.“ چندن هينئون چپ گول ڪري مشڪي نظر ڦيرائي ڇڏي. گويا چئي رهيو هو. ”جڏهن هوءَ مون کان ڪجهه سمجهڻ لاءِ خواهان ناهي، تڏهن مان ڪريئي ڇا ٿو سگهان؟“

هيري مضبوط ارادي سان چيو، ”ريڪا پايي، تنهنجي ته گهر ۾ گنگا پيئي وهي. اهي ڳالهيون مون کان وڌيڪ ته چندن توکي سولائيءَ سان سمجهائي سگهندو.“ملئين چوندي هو اٿي کڙو ٿيو. پر در تائين پهچڻ کان اڳئي ريڪا کيبيڪس نگاهون کٽي جڻ چوندو ڏٺائين، ”هن کي اول مون لاءِ فرصتئي ڪٿي آهي. هن کي ته ڇا شايد پگوان کيبه منهنجو دم واپس وٺڻ جيتري فرصت ناهي.“ هيرو منئي من ۾ سوچيندو ويو، ”ريڪا جهڙي هوڏي چوڪريءَ کي سمجهائڻ لاءِ ماستري صبر جي ضرورت آهي.“

ايتري ۾ ٻبرسات جو هڪ شاهي وسڪارو آسمان جي ڪارنهن ڏوڪيءَبن منٽن ۾ ٻئيءَبند ٿي ويو. ڪمرو وري اجالي سان پرجي ويو. چندن جي منهن تي مرڪ وري ويئي. چيائين, ”اڄ تنهنجي چندن ڪي رستي تي منجهيل ريڪا راڻيءَ ڪي, منزل تائين پهچائي اڇڻ جي فرصت ملي ويئي آهي.“

ريڪا سندس چهري طرف ڏسندي رهي, گويا ڪيس وشواسهئي نٿي آيو ته ڪارونيار ڪڪرن وچ مانٻه سچ چمڪي سگهي ٿو. شڪي نگاهه سان نهاريندي چيائين, ”ڪئين نه ٿئي جو سانوٽيءَ جو سورج وريءَبادلن سان ڍڪجي وڃيءِ رستو ڏيکاريندي هٿ ڇنڊئي هليو وڃي.“

”رهبر جي پرک انهيءَ ۾ آهي جو اوندهه ۾ٻه پانڌيڙي ڪي دڳ لائي سگهيءَبشرطيڪ راهي پنهنجو دامن پاڻ نه ڇڪي وڃي.... پهرينٻڌا ته توکي دنيا اندر ڇا ٿي رهيو آهي, اهو ڏسڻ جي فرصت ڪيئن ملي؟“

ريڪا ٿهه پهه پيڻ جو خط ڪڍي چندن کي ڏنو. سيلونتي لکيو هئس:

چندن لاءِ هن قسم جا دڪڙابڌڻ ڪا نئين ڳالهه ڪانه هئي. هو مشڪي چوڻ لڳو. ”تڏهن سيلونتيءَ ئي توکي دنيا ياد ڏياري آهي؟“
ريڪا اٿي کڙي ٿي. چيائين. ”بس‌بس مون کي ڪجهه‌بڌڻو ڪونهي.“ گهڙيءَ لاءِ چندن جو چهرو گنڀير ٿي ويو. پر اتيءَ ئي مرڪي چيائين. ”اڇا.“ ريڪلبئي ڪمري ۾ هلي ويئي ۽ چندن پنهنجن ڪتابن جي الماڙي طرف وڌي ويو.
ساري رات طوفان جاري هو. رکي رکي‌بارش جو هڪ تيز وسڪارو ٿي آيو ۽ وري ٿوريءَ دير لاءِ سانت لڳي ٿي ويئي. فقط چتين پتين تان ڳرنڊڙ ڳاڙو. پاڻيءَ سان پريل ڪڏن ڪوبن ۾ ٽپڪ ٽپڪ ڪري ڳرندو ٿي رهيو. سڄي رات ريڪا لڇندي رهي. ڪنهن وقت اک لڳي ٿي ويس ته عجيب غريب نظارا ڏسي ٿي اٿي. ڪڏهن وڏا پهاڙ ٿي ڏٺئين ته ڪڏهن‌باهه جا پنيٺ ٿي ڏٺئين. ڪڏهن وري تکي تکي هوا کي‌برسات جي ڦڙن کي کٽي ڊڪندي پڄندي ٿي ڏٺئين. جنهن وقت جاڳ ٿي ٿيس، ان وقت درن درين جي ٺڪا ٺوڪي سندس دل کي ڏڪڻي ٿي چڏيو. وري وري هڪڙوئي سوال سندس ذهن سان ٽڪرجي ٿي اٿيو. ”جيڪي ڳالهيون چندن سمجهي سگهي ٿو. هيرو سمجهي سگهي ٿو‌بازار ۾‌بجڪو وڪڻندي سيلونتيءَ جو گهوٽ سمجهي سگهي ٿو. سي مان چو نه ٿي سمجهي سگهان؟“ اجا جهونٽو اچيس ته سيلونتي اچيو اڳيان‌بيهيس: ”حالتون‌بڇڙيون ٿي رهيون آهن. ڇهن ڏينهن کان سيڌو خلاص آهي....“ اجان اکيون کولي ته گوپ جي‌بنا لڪڻ چتيءَ اچيو ياد پويس.
صبح ٿيو ته گهر جي هاج لاهي. اڄي چندن جا ڪتاب ڦولهڻ ويني. هيترا ڏينهن جن کي مغز خوريءَ جا اڏا سمجهي ڇڏي ڏنو هئائين. تن کي چاهه سان ڏسڻ لڳي.
چندن سنان ڪري ڪمري ۾ آيو. سندس وارن مان پاڻيءَ جا ڦڙا پئي ڳڙيا. انهن کي ٽوال سان اگهندي چيائين. ”ڪتابن جي پوڄا ٿي رهي آهي يا اپياس؟“ ريڪا هٿ وارو ڪليل ڪتاب‌بند ڪري الماڙيءَ ۾ وجهي پنهنجي وئي سان الماڙيءَ تي‌به ٿي سٽڪا هڻي دز اڏائيندي هلي ويئي. چندن ٺيڏي اک سان نهاري مشڪي. ٽوال سان مٿو اگهندو رهيو. مل ڏانهن وڃڻ کان اڳ ريڪا کي چيائين. ”اڄ ڇئين‌بجي منهنجا دوست ايندا.“
”مون کي خبر آهي. گهڻا ڄڻا ايندا ته مان اوترن جو پربنڌ رکان.“
ريڪا جو پتلبه ڪڏهن ڪڏهن‌لئين چوندو هو. ان ڏينهن ريڪا جي ماءُ سڄو وقت گهر ۾ کٽي کين پڄندي هئي. ريڪا ڏسندي هئي ته مجلس ۾ ڪيئن نه گوشت. ڪباب. چهرن. سوپئن. سگريٽن ‌۽‌بوٺنديءَ جو دور شروع ٿي ويندو هو.

چندن چيو، ”وڏو ٽڪسات ڪونہ ڪرڻو آهي، ڇانهہ جيجهارهن ڪوپن جو پربند رکيئہ تہ گهڻو ٿيو.“

”مان پاڻيهي سندن خاطرداري ڪنديس، روز ٿوروئي ٿا مهمان اچن.“

”بس‌بس، وڏيڪ خاطرداريءَ جي ضرورت ناهي صاحبا. توهين زالون پنهنجي حقيقي حال تي هلڻ سکنديون‌ئي ڪين.“

ريکا ڪجهہ لڳي. ايتري ۾ گوپ اسڪول جا ڪتاب ڪٽيجهوت سجلڪي اچيجبيهي رهيو. ڪجهہ پاءِ ڏانهن، ڪجهہ ريکا ڏانهن ڏسندي چيائين، ”مون کي چار ڪاپيون کپن. مون لغڙ ناهي وڪيا، ان مان‌بن ڪاپين جا پئسا نکري آيل‌باقي‌بہ کپن.“ ريکا پئسا تہ ڏنا پر گهر خرچ لاءِباقي‌بچيل رپين ڏانهن ڏسندي، دل‌ئي دل ۾ پڪ ڪري ڇڏيائين تہ ڪونہ ڪو رستو ضرور ڳولي ڪيڻو پوندو، نہ تہ ٿوري وقت اندر هي گهر ڪنهن رساتل کي وڃي رسندو.

(10)

ميئي ڏينهن هيري کي اسڪول ۾ وقتئي وڏي پيو. گهڙيءَ گهڙيءَ ريکا جون‌بيوس نگاهون اچيو پڇن، ”دنيا ۾ چا ٿي رهيو آهي هيرا، هڪبن ڪانسواءِ سڀ عزيز وڃن پٽ پوندا...“ موڪل جو گهنڊ لڳو تہ هيرو گهر نہ ويو سڌو ريکا وٽ لنگهي آيو. چيائين، ”ڪنهن جي چنتي هئي ريکا پايي؟“

”سيلونتيءَ جي.... پر رڳو سيلونتيءَ جي ڳالهہ آهي چا، مان تہ ڏسان ويني ڪيترا سکيا سهنجا گهر وڃن ڍرڪندا. ٿيون ڏينهن منهنجي پڦيءَ جي ڏيراڻي‌مڪي هئي، جڪپور مان موٽي هئي. چيائين، ”اتي‌بہ ماڻهن جا اهڙا حال ٿي ويا آهن جو ڪن جا پٽ پيا پريون ڍوئين تہ ڪن جا مناپون پيا وڪڻن، تہ ڪي وري اسٽيشن تي ڪولي ٿيل‌بينا آهن.“ مڙيئي‌بمبئي جهڙو حال لڳو پيو آهي. هتي‌بہ تہ چگيون خاصيتون مايون پيون چانور وڪڻن تہ ڪي وري پاپڙ ۽ چمپل پيون وڪڻن. سفيد پوش گهرن جا چوڪرا پيا ڪنمنڙا ۽ ڦٽوتا وڪڻين.“

”ڏس پايي،“ هيرو آرام ڪرسيءَ تي وڃي وينو، ”هينئر پئسي کي پئسو ٿو پيدا ڪري، ان ڪري شاهوڪار وڃن ٿا وڏيڪ شاهوڪار ٿيندا. غريبن وٽ تہ ڪجهہ آهي ڪونہ. پنهنجو پگهر وڪڻي رکي سکي روٽي پيا ڪين.بہرا حال آهن وچولي طبقي جا، جنهن جي رهي کهي پونجي وڃي خلاص ٿيندي ۽ نيٺ وڃي اهو هيٺئين طبقي سان ملندو.“

ريکابلڪل دکي ٿي پڇيو، ”ان جو مطلب تہ منهنجو پيٽويو نيڪ ٿو چوي تہ ڪين زالين مڙسين محنت مزوري‌ئي ڪرڻي پوندي؟“

طبقوبي خوفبهادر طبقو، جاڳي اٿيو آهي ۽ هڪ اها اگ جلائي رهيو آهي، جنهن جي شعلن ۾ تباهيءِ تباهه ٿي ويندي.“
ريڪا هڪ دور دراز زماني جي تصوير پسي رهي هئي. ڪيترو وقت ماڻهئي ماٿ ۾ ويٺي رهي. ڪيس خبرئي نہ رهي تہ ڪيڏي مهل هيرو، ”ڪافي دير ٿي ويئي.“ چئي هليو ويو.
شام جا چار لڳا تہ چندن جا دوست هڪئي وقت اچي پهتا. ريڪا دل ۾ چيو، ”اهڙا وقت جا پورا..... شايد سڀ گڏجي رهندا هوندا. پر پوشاڪ مان تہ ڪي مرهٽا، ڪي گجراتي تہ ڪي مدراسي ٿي لڳا. اها ڪهڙي ڳالهہ آهي جنهن هنن پانت پانت جي ماڻهن کي يڪ وجود ڪيو آهي. اها شڪنا ڪٽي ريڪا جنهن وقت ڪين چانهہ جا ڪوپ ڏيڻ لاءِ چندن جي ڪمري ۾ گهڙي، ان وقت هڪڙي کي چوندوٻڌائين، ”.... سواءِ ڪن ٿورن ڪلڪرن جيبيا سڀ ڪم ڪندڙ اسان سان هڙتال ۾ شامل ٿيندا، چو تہ اسين سپني جي حق لاءِ ٿا لڙون. اها حق جي لڙائي آهي، جا اسان کي هڪٻئي ٿي.....“
ٻئي پيري اندر ويئي تہ ڪوئي چئي رهيو هو، ”اڳئين سال مل کي هيترو نفعو پيو تہ اسان کيبونس نہ مليو آهي. سڄو نفعو شيئر هولڊرن پاڻ ۾ ورهائي ڇڏيو. مل جا ڊائريڪٽر، مئنيجر ۽ آفيسر وڏيون پگهارون ۽ لوازما ڪٽي عيش ڪن، پر اسان کي پنهنجي ادرپورنا جيترو پگهاربہ نٿا ڏين. اسان کي هڙتال ڪرڻ کپي.“
ٽئين پيري وري ڪنهن کي چوندوٻڌائين، ”...... اسان لاءِ هڙتال کان سواءِبيو ڪو چاڙهوئي ڪونهي. هڙتال کانسواءِ تہ مل مالڪ اسان جون گهرون مور نہ قبوليندو. اهو هڙتال جوئي هٿيار آهي جنهن کان هو لهرائين ٿا، چو تہ هڙتال ڪري هنن جي نفعي ۾ ڪٽر پوي ٿي ۽ اسان ڪامگارن جي هونءَئي ڪهڙي سني حالت آهي جا هڙتال کان پوءِ خراب ٿيندي.....“
هوءَ جڏهنباهر نڪتي تہ ازخود سندس اندر وارو پڇي اٿيو: ”اهيبي خوفبهادر انسان هي آهن، جيڪي تباهيءَ کي تباهہ ڪري ڇڏيندا.“

(11)

چوماسي جيبرسات پنهنجي پوري زور سان پئي پيئي. ريڪا ٽرين مان لهي متونگا اسٽيشن جي شيڊ ۾بيٺي، حسرت پري نگاهہ سان ڏامر جي فرش کي ڏسي رهي هئيبرساتي ڦڙيون تڪڙو تڪڙو گول چڪرن ۾ لهرون ناهي گم ٿي ويون. ڪن وري پاڻيءَ جا گول گولبدبدا ٿي

ٿاهيا، جي ٿورو هلي ختم ٿي ٿي ويابرسات جي تيز ويگ سان ريکا سوچي رهي هئي پاڻ تي، پنهنجي ننڍڙي گهر تي ۽ اهڙن هزارن لکن گهرن تي ۽ دنيا جي هڪ وڏي حصي تي جنهن ۾ اهڙا ۽ ان کانبہ ننڍڙا گهر هئا. ڪيس گهرج هئي هڪ ڇتيءَ جي، جنهن جي سايي ۾ هوءَ برسات سان مقابلو ڪري منزل تي پهچي سگهي. سندس ننڍڙي گهر کي گهرج هئي ريکا جي نوڪريءَ جي. اهڙن هزارين گهرن کي گونا گون گهرجون آهن ۽ ريکا محسوس ڪيو ڄڻ ساڻس گڏ دنيا جو وڏو حصو، گهرجون نہ پوريون ٿي سگهڻ جي حسرت کڻيبرسات جي ڦڙين جون، گول گول چڪرن ۾ اتاريل لهرون ڏسي رهيو هو.

برسات ٿمجي ويئي تہ ريکا گهر وارو رستو ورتو. مريي ٿڪئين پير پاٽيءَ جي اندر تي هليا پر خيالنئي خيالن ۾ اڄ ريکا جي دل ايڏي وسيع ٿي ويئي هئي، جو پانيڪين تہ ساري دنيا تي پاڻئي ڇلڪني پيئي آهي. هڪ گهڙيءَ لاءِ ڪيس پاڻ تان سخت عجب پئي لڳو تہ ڪيئن هوءَ هڪ وڏي آفيسر سان تکو ڳالهائي نوڪريءَ جو آسرو نڪرڻي اچڻ کان پوءِبہ غمگين نہ هئي. هن ڏٺو پٽرڪين رستي تان وهنڊڙ شفاف جل وانگر سندس هردوبہ دک کان آجو ۽ ڪلپنا جي ساگر ۾ ويهڻ لاءِ آمده هو. رات جو چندن جي اڳيان ٿالهي رکندي چيڪين، "مان اڄ نوڪري ڳولهڻ ويئي هئس."

"تون؟"

"ها، مان."

"پوءِ ڇا ٿيو؟"

"هڪ آفيسر منهنجي اڳيان انگريزيءَ ۾ هڪ مرهٽي کي ويني چيو: سنڌين جي اچڻ ڪري تہ آڳيباقي هتي جا مڪاني ماڻهو وڏيڪبيروزگار ٿي پيا آهن. پڇين، توهان کي پاڪستان ڇڏڻ جي گهرج ڪهڙي پيئي هئي، جڏهن سڀ ٿا چئو تہ اسان کي سنڌ ۾ هي هو، هو هو، هو هو، زمين هئي، گهر هئا، دوڪان هئا. مان ٿو چوان هنن ڊرپوڪن کي هتي رهڻي مڪاني جنتا کيبيروزگار ڪرڻ مان سرڪار کي ملي ڇا ٿو؟"

چندن گره هٿ ۾ جهلي ريکا ڏي ڏسڻ لڳو.

ريکا چيو، "مان تہ سمجهي ويس تہ آفيسر جو اشارو ڪنهن ڏانهن هو، سو چئي ڏنومانس، "پنجاب جي شيرن پنهنجي خون سان هندستان جي تاريخ جا ورق لکيا آهن. اسين انهن جي درگتي ڏسيبہ ويهي رهون ها تہ سربہ سلامت کڻي ڪونہ اچون ها. مون کي پڪ آهي تہ توهينبہ اهڙين حالتن هيٺ ڊرپوڪ ٿي پڇو ها. اسين سنڌي توهان جي مڪاني جنتا جي

ٻيروزگاريءَ جو ڪارڻ هرگز نہ آهيون.“ ريکا چئي تہ سيڪجهہ ويئي. پر چندن جي فيصلي لاءِ دم روڪي نهارڻ لڳي. چندن هاڻ ڪنڌ هيٺ ڪيو ٻي فڪر ڪٿي رهيو هو. ٿالهي خلاص ڪري، ڏکيءَ کان هيٺ ٻرسات کان پيدا ٿيل ڏکي گاهہ جي سلن ۾ گرڙي اچلي چيائين،
”آفيسر توکي موٽ ۾ چا چيو؟“
”چيائين، ڪڪي تون هتي نوڪري ڳولهڻ آئي آهين ڪي ليڪچر ڏيڻ؟“
چندن وري ٻہ ماٺ ٿي ويو. ريکا پاڻ روڪي نہ سگهي. چيائين، ”هتي جا ماڻهو اسان کي ڌڪارين ڇو ٿا. اسان هنن جو ڪهڙو بگاڙيو ئي چا آهي؟ سنڌي ٻہ پنهنجو پورهيو ڪري ٿا کائين...“
چندن ساڏارڻ لهجي ۾ چيو، ”پر هنن جو ڪجهہ بگڙيو تہ ضرور آهي. سنڌين جي اچڻ سان مارڪيٽ ۾ بازارن ۾، واپار ۾، نوڪرين ۾، جتي جتي هو گهڙيا آهن، اتي اتي مکاني ماڻهن جي فائدن ۾ ڪتر پئجي ويئي آهي.“
”ان ۾ اسان جو ڪهڙو ڏوهہ. اسان ڪي ٻہ تہ پنهنجو پيٽ پالڻو آهي.“
”هيءَ سماجڪي شخصي چتاپيٽيءَ جي بنياد تي ٻيئل آهي- جيڪو ڏاڍو سو گُڀو. ڪنهن جي ڳتر تي لت اچي تہ چا، پلي ڪو ڪري ٻہ پوي، پر هرڪو ڪلهي گس ڪندو، اڳتي وڌڻ جي پيو ڪري. خودغرضيءَ انهن منجهان انسانيت ۽ پيڪپيءَ جو مادو ئي ڪڍي ڇڏيو آهي. اسين تہ وري ٻہ دور ديس کان هتي آيا آهيون. پر هتي جيڪي مکاني ماڻهو آهن، سي ٻہ پاڻ ۾ چڪين ماس چني رهيا آهن. نہ صرف ايتروٻلڪ هڪ طرف هزارين گجراتي، مرهٽا، ڪنڙي وغيره محلن ۾ عيش اڏائي رهيا آهن، ٻئي طرف انهن جا هزارين ذات ڀائي ٻمبئي جي فٽ پاٿن تي ٿا راتيون ڪاٽين. انهن جي زندگي تہ شرنارٿين کان ٻہ بدتر آهي. ان مان تون ڏسندينءَ تہ بنيادي طرح مسئلو غريبن ۽ شاهوڪارن جي جدوجهد جو آهي. ان ڪري اسان سنڌي غريب جنتا کي ٻہ مکاني جنتا سان گڏجي سرمائيدارن سان ٽڪر کائڻو پوندو. جيسين اهڙو نظام قائم نہ ٿيو آهي، جنهن ۾ سرڪار، هرڪنهن کي اٽو، لٽو، اجهو ۽ علم ڏيڻ لاءِ پابند هجي، تيسين هيءَ هڪٻئي خلاف ڪڙي ٿيل ڌڪار جي ديوار قائم رهندي.“
چندن ڏٺو ريکا ڪنهن ويچار ۾ ٻڏي ويئي هئي، شايد هن جو سندس ڳالهين ۾ پورو ڌيان نہ هجي، ان ڪري ٻيءَ ڳالهہ تي اچي ويو. هن چيو، ”هڪ سنڌيءَ ”انڌيري“ ۾ گنجيون ۽ سئيٽر ناهڻ جي فيڪٽري کولي آهي. پنجويهين تاريخ تائين درخواستون گهرايون اٿس. تون ٻہ ڪري ڇڏ.“

ريکا تي جڻ پٽ ڪري پيئي. ڪاڏي جو هٽ وارو گرهه ٿالهي ۾ ٺئي رکي ڇڏيائين. سندس من ۾ سنگرام چالو ٿي ويو: ”مون گنجيون ۽ سئيٽر ناهڻ لاءِ ٺئي مئٽرڪ پاس ڪئي؟ هيءَ ڪهڙي زندگي آهي؟ انسان محنت ڪرڻ چاهي ته به لياقت آهر ڪم نه ملي. مان ڪيئن وڃي گنجيون سئيٽر ناهينديس؟“

گوپ بسترو وڇائيندي چيو. ”پاپي سياڻي جيڪڏهن اڄ جهڙي تيزبرسات هوندي ته مان اسڪول نه وڃي سگهندس. ڇتي اڳيئي پراڻي هئي باقي اڄ ته تارون به پڃي پيون ته ڪپڙو به ڦاٽي پيو. وڏي ڳالهه سياڻي لاءِ خميس به ڪانهي.“

ريکا کي لڳو جڻ هوءَ تيسر بار هئي. جنهن کي ماءُ ڪن ڪان ڇڪي اٿاريو هجي ۽ پر ڪري چماٽ وهائي ڪڍي هجي. دل ئي دل ۾ فيصلو ڪري ڇڏيائين ته مان ڪهڙي به نوڪري ڪنديس. پر گوپ جو پڙهڻ ڪين ڪارينديس.

پنجويهين تاريخ ۾ ته اجا ڏهه ڏينهن پيا هئا. تيسين ريکا ماٺ ڪري ڪين ويني. ڪڙي تپائي ايمپلائمينٽ ايڪسچينج ۾ بيون ڪيتريون ئي آفيسون نوسيندي رهي. پر نوڪري ڪٿي خالي هجي ته ريکا کي ملي نه؟ ان جي عيوض هوءَ ڏسندي هئي روزبروز بيروزگارن جا نوان نوان مهاندا. دل ۾ هنن هپاٽيل هستين لاءِ همدرديءَ جو احساس ڪٿي سوچيندي هئي: ”هزارن جي تعداد ۾ بيروزگار ڦرن ٿا. اگر انهن سيني جون خدمتون اسان جي ملڪ کي پهچنديون رهن ته ڪيترو نه ملڪ جو واڌارو ٿئي.“ ٽرين جڏهن هوا سان ڳالهيون ڪندي هلندي هئي، تڏهن بنهي پاسي ننيون ننديون جهڳيون پونگيون ۽ دونهاٽيل گهرن کي ڏسي، سندس اندر وارو پڇي اٿندو هو. ”ڇا هي سڀ مرين ڊرائيو ۽ چرچگيٽ تي رهڻ جوڳين جاين ۾ نتلبدلجي سگهن.“

پريل ۽ مهالڪشميءَ وٽ ننڍڙا گهر برسات جي پاڻيءَ ۾ بوڏ هيٺ اچي ويا هئا. اخبارن ۾ انهن جا فوٽا ڏسي، هڪ ڏينهن ريکا پريل ۾ لهي پيئي. جيڪي ڪجهه ڏٺائين تنهن ته سندس وايون ٺئي بتال ڪري ڇڏيون. وٽن هيناڻ اس ۾ پٽڪيل، ڪارن ڪارن انسانن جا ڪٽنب، ڪاڏو تيار ڪندي پاڻيءَ ۾ بڏل جهوپڙين کي حسرت مان ڏسي رهيا هئا. ريکا جي نس نس ڪنبي اٿي. دل ۾ آيس: ”هن ملڪ جو هلائيندڙ جيڪر پڳوان هجي ته هن انڌڌنڌ لاءِ ان کي به جوڳي سزا ڏيڻ ڪان نه هچڪون. پر سرڪار کي هڪ اکر به نٿا چئون؟ اکيون انڌيون، ڪنبوڙا ڪري روزانو هي انڌڌنڌ ڏسندا ٿا رهون.“

رات جو چندن کيس چيو ويني، ”اڄ جيڪي ڏسي مٽي آهيان، ان ته منهنجي دل هي ڦٽي وڌي آهي. انسان تڙپي تڙپي پنهنجن آشيانن کي سرن درياهه ٿيندو ڏسن ۽ ملڪ جي وزيرن اميرن جي انسانيت اکيون ٻوٽي سمهي رهي.“

”۽ جنهن جي انسانيت جاڳي اٿندي آهي، سو وري پنهنجي حياتي حق جي جدوجهد ۾ ارپي ڇڏيندو آهي. پوءِ هن کي اهو خيال هي نه رهندو آهي ته هن جوڀين جي زندگيءَ ۾ ڇا وجي ۽ سپڪو وجي پنهنجا ڪرم پوڳي.“

ريڪا اهو سوچي ته ڪرم پوڳ واري ڳالهه ڪنهن وقت پاڻ هي چندن کي چئي هئي هئين، شرمندي ٿي ويئي.

چندن ريڪا جي پاوڻ ڪن پريل چهري کي تڪيندو رهيو. پوءِ کلي چيائين، ”اجا ڪٿي ڳالهه پيئي آهي، ڪمين ڪاسبين جي جيوت کي گهرڪيءَ سان ڏسندينءَ ته روئڻ اچي ويندءِ.“

ٻئي ڏينهن هيرو آيو ته ريڪا ان سان ٻه اهيءَ ڳالهيون ڪدي ويني. ”پر هيرا، غريبي ڪا آهي، اصل حد لڳي پيئي آهي. سائنس هيتري ترقي ڪئي آهي تهه شاهوڪارن وٽ ته سمهڻ جي ڪوٺي سان فلش ۽ ٽب سوڌي ٻاٿ روم موجود آهي، ليڪن غريبن وٽ ته پاڙي جو پاڙو سڄو ڄڻ پيٽخانو آهي. اڳ ۾ ته مان انهن جي عادتن کي ڏوهه ڏيندي هيس پر هينئر ته آزمودي مان ملئين ويني ڏسان، ڄڻ عادتون ٻه زندگي جي حالتن مان ٿيون نهن.“

چندن چيو، ”هيرا تنهنجي پاپي هاٽي ڏيري ڏيري سچ کي ڏسڻ لڳي آهي....“

”پر جيئن جيئن سچ وڌيڪ اگهاڙي روپ ۾ منهنجي اڳيان ظاهر ٿيندو ٿو وڃي، تيئن تيئن منهنجي دل وڃي وڌيڪ اداس ٿيندي. زندگيءَ جي وهڪري کي، پهاڙن تان نچندي ٽپندي، ميدانن کي آباد ڪري سمنڊ ۾ ملي وڃڻ بدران ٻيلبانن ۾ ننڍڙين نالين ۾ سڪندو ڏسي، منهنجي دل ۾ ته عجيب پيڙا ٿي پيدا ٿئي.“ ريڪا جي اکين ۾ آنسو تري آيا.

”ريڪا، هرڪو سچ جو پاڻٺيڻو پهرين انهيءَ دک جي نهڪينءَ ۾ پچي ٿو ۽ هن کي شانتي تڏهن ملي ٿي جڏهن هو زندگيءَ جي وهڪري کي ميدانن طرف ڦيرائڻ ۾ پاڻ ٻه ڪجهه ڪاريه ڪري ٿو.“ چندن چيو.

ريڪا کي انهن اکرن ۾ ايتري صداقت نظر آئي جو ڪيتري وقت تائين هوءَ فقط چندن جي مکڙي کي ڏسندي رهي. چندن جا اکر فقط اکر نه هئا، انهن پنيان هن جي سڄي زندگي لڪل هئي. ريڪا ڪيس هڪ منٽ ٻه اجايو وڃائيندو نه ڏنو هو. رات جو ريڪا پنهنجي ڪوٺريءَ ۾

لکيو، ”مون کي ڪهڙي خبر ته جن منٽن جي تقاضا، منهنجي نااميدي جي درد تي ڪئي، اهي منٽ، اهي ڪلاڪ، هڪ وڏيڪ اونهي درد کي منڻڻ لاءِ ڪتب اچي رهيا آهن“

آڌي رات جو ريکاماڻين محسوس ڪيو، ڄاڻ ته ڪو انسان سندس ڪٽ وٽ اچي مٺڪنس ٺٺڙي ٻيٺو آهي ۽ ان جا گرم گرم پساهه سندس چهري کي ڇهي رهيا آهن. هوءَ اکيون مهٽي اٿي ويٺي ٻتي ٻاريڪين، ڏٺائين، چندن ته پنهنجي ٻستري تي سمهيل هو. هوءَ سندس ويجهو وئي ۽ ان کان پوءِ يڪدم ٻتي وسائي ڇڏيائين ٻستري تي ليٽي ڪيترو وقت سوچيندي رهي: ”هو ڪٽي ڪيترو ٻه لڪائي، پر سندس منهن تي پگهر جا ڦڙا جو ٻئي چمڪيا. تڏهن هو ٻه هاڻ مون کي ايترو چاهي ٿو“ هوءَ چندن جي ڪٽ طرف نهاريندي رهي. اچانڪ ماڻين لڳس، جڻ ٻنهي جي وچ ۾ هڪ وڏي ديوار ڪڙي هئي، جنهن جي هرهڪ سر تي لکيل هو، ”ٺڪين ڪيڻن هوندو“ ”ٺڪين ڪيڻن هوندو“

(12)

چندن جنهن مل ۾ نوڪري ڪندو هو، ان مل ۾ هڙتال چالو ٿئي سچا سارا سورهن ڏينهن ٿي ويا هئا. چندن کي پهرين تي پگهار ملڻ کپندو مگر اڳئين مهيني جي 21 تاريخ کان وٺي هڙتال چالو ٿي ويئي هئي. ان ڪري مهيني جا ست ڏينهن چڙهي آيا هئا ۽ گهر ۾ پگهار نه آيو هو. پاپڙ، ڪچڙيون، ڏڌ، ڪير سيڪجهه گهرماڻ ٻند ڪيو ويو هو. هينئر راشن ۽ گاسليٽ ٻه مشڪلات سان اچڻ لڳو هو. ان ڏينهن ريکا تنگ ٿي پتيءَ کي چيو، ”هيتري تڪليف ٻرداشت ڪرڻ کان پوءِ ٻه ڪجهه ورندو ڪين نه؟“ چندن پرون گهنجائي مانيٽي نوع ۾ وراڻيو، ”تڪليف؟ ان جي ته اجا خبر ٻه ناهي. سچي تڪليف ته اسان جي مل جا مزدور وينا سهن. اسان ڪلارڪن کي ته رڳو لهس ماڻي آهي. شام جو اسان جي ميٽنگ آهي هلي ڏسج ته مزدورن جي ٻستيءَ جي ڪهڙي حالت ٿي آهي“

شام جو ريکا ٻستيءَ جو رنگ ڍنگ ڏسي سن ۾ ٻئجي ويئي. عورتن جون اجهايل نظرون، مردن جون جهڪيل ڪمرون، ڪارا اڌ ننگا ٻار، خشڪ ۽ سڪل چهرا، ڦٻرا سرير ڏسندي ڏسندي ريکا جي دل ڏڙڪي اٿي ٻستيءَ جي ڪاڪوسن پٺيان هڪ جهنگ ٽڪر هو ان کان پوءِ هڪ ميدان هو، جتي ڪيترين زالون ۽ مرد اچي ڪٺا ٿيا هئا. پهرين هڪ استريءَ راڳ ڳايو ۽ ان کان پوءِ ڪيترن جڻن تقريرون ڪيون.

ريکا ميٽنگ تان موٽي ته ڪيس ماڻين لڳو گويا آسمان تان رهيل ڪهيل ٻادل هٽي وياهئا ۽ صاف شفاف ڏينهن جي روشني ۾ مينهن سان ڌوتل در دريون، گهر گهٽيون، سڀ اوجلتا جو احساس

ڪرڻڪي رهيا هئا. ميٽنگ ۾ هڪ سنهيءَ ڏٻريءَ عورت اٿي چيو هو، "اسان ڪي هي ڪشٽ صبر سان سهڻ کپن ڇو ته اسين سچ لاءِ لڙي رهيا آهيون. اسان جي تپسيا وئرٿ نه ويندي- اسان جو سچ سورج جيان روشن آهي. هيءَ اها لڙائي آهي جا هرهڪ جاتي، هرهڪ پيشو، هرهڪ جنس لڙي رهي آهي. مزور هاري، موچي سوچي، ڌوٻي درزي، واڍا مٽير، منشي، پٽيوالا، سڀ اسان جي سٺا جا سپاهي آهن. اسين مسڪين آهيون، ليڪن اسان کي ڪنهن جي ڀيک نه گهرجي. اسين ڪتا ناهيون، جن کي رحم جو ٽڪر ڏيئي خوش ڪري سگهجي. اسين پنهنجي محنت جو اجورو گهرون ٿا. اسين پنهنجو حق طلبيون ٿا. اسين ٻن هٿن سان پورهيو ڪريون ٿا، ان لاءِ ته هڪ هٿ جو اجورو اسان جو پيٽ ڪلڪي ڀرڻئي هٿ جي پورهئي مان اسان ٻار ڀڀيا سکي جيوت گذاري سگهن. ليڪن اسان کي ته پنهنجي پيٽ ڀرڻ جيترو به اجورو نٿو ڏنو وڃي. چو؟...... آخر ڇو؟"

ريڪا چڱيءَ طرح ڏٺو هو. ان عورت جي چهري تي چمڪ هئي ۽ ٻڪ هن کي جلايو نه هو. پر خود جلي سندس پيشانيءَ تي جوالا پکيڙي ڇڏيا هئائين. ميٽنگ واري راڳ جون ڪي سٽون ٻه ڪيس چڱيءَ طرح ياد هيون:

آج چارون اور هي هڙتال هئه.

سنڪٽون کي يومي ۾ پوچال هئه.

لڙ رها مزدور ٻازي هاٿ هئه.

زندگي مرتي نهين وشواس هئه....

ٻئي ڏينهن چندن ميٽنگ تان ڪافي دير سان موٽيو. ڏٺائين ته ريڪا هميشه جي ڀيٽ ۾ بلڪل خوش نظر پئي اچي. چندن ڪپڙا بدلائي وينو ته ريڪا ڪرسيءَ پنيان بيهي وٺي جي ڪنڌ کي آڱر تي ويڙهيندي چيو، ”هڪڙي خوشيءَ جي خبر ٻڌايان؟“

”ٻڌاءِ سائين، ڪهڙي خبر آهي جنهن توکي ايترو پرسن ڪيو آهي؟“ چندن ريڪا ڏي نهاري چيو.

ريڪا ٿوري دير چپ رهي. ڪيس اڪرمئي نٿي سجهيا جن ۾ دل جي ڳالهه بيان ڪري سگهي. مگر چندن کي پاڻ ڏي نهاريندو ڏسي چيائين، ”مون کي انڊيريءَ ۾ گنجين جي فئڪٽريءَ ۾ نوي رپين پگهار تي نوڪري ملي آهي.“

چندن يڪدم ويجهو اچي ريڪا جي ڪاڏي پڪڙي چيو، ”سچ؟“

ريڪا اکين جون پلڪون مٿي کڻي چيو، ”سچ“ ۽ جڏهن ڏٺائين ته چندن جي منهن تي اَپار خوشي ڇانئجي ويئي آهي، تڏهن سندي چهري جي رونق ٻيڻي ٿي ويئي. هوءَ ٻئي ڪمري ۾ پهچي ويئي. ٿوال کڻي زور زور سان ڪاڏي اگهڻ لڳي.

ٻئي ڏينهن ريڪا نوڪريءَ تان موٽي ته چندن ٿلهي تي پئي اچ وڃ ڪئي. ريڪا کيس ڏسندي ئي ٻه ڪين ڏٺو ۽ سڌي ڪمري ۾ هلي ويئي. اتي وري هيرو ۽ گوپ ڪنهن حساب ڪرڻ ۾ مشغول هئا. هوءَ آرام ڪرسيءَ تي ليٽي پيئي. جڏهن هيري کي حساب مان واندو ٿيل ڏٺائين، تڏهن چوڻ لڳي، ”هيرا، ڪلهه کان ونئي مان نوڪري ڪرڻ لڳي آهيان.“ سندس اکين تي هڪ فخر جي جهلڪ ڏسي هيري کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو، ڄڻ جنهن ٻوٽي کي پاڻ پاڻي ڏنو هئائين ان ۾ گل لڳي ويا آهن.

ريڪا چيو، ”پر عورت ڪمائڻ لڳي ته ان ۾ مرد لاءِ ڪهڙو فخر آهي؟“

هيري چيو، ”فخر جو نه آهي. هڪ عورت پنهنجن پيرن تي بيهي سگهي ته ان کان وڌيڪ سٺي ڪهڙي ڳالهه ٿي سگهي ٿي؟ اسان جو ته اهو عقيدو آهي ته جيسين استري آرٿڪ طرح آزاد نه

ٿيندي. تيسين پوريءَ طرح ترقي ڪري ڪانه سگهندي ۽ جيسين ترقي جي راهه ۾ وک نه وڌنديون ٿيسين سچي معني ۾ جيون ساٿڻ ٿي ڪانه سگهندي.“
ريڪا گهڙيءَ پل لاءِ ٿڙيءَ ۾ پئجي وئي. جلديءَ ٻاراٽي ادا سان چيائين, ”پلا اهو جواب مان پاڻيهي ڇو نه سوچي سگهيس؟“
هيرو ڪلي وينو ۽ چيائين, ”هر منزل جي پانٺيڙي کي اپياس ڪرڻو پوندو آهي. جنهن منزل ڏانهن تون وڌي رهي آهين, ان لاءِ ڇا ڪنهن اپياس جي ضرورت ناهي؟“
ريڪا ڪا ورندي نه ڏني. هوءَ ڪنهن ويچار ۾ وهندي ساڙهيءَ جي ڪنڌ وات ۾ وجهي چٻاڙڻ لڳي.
ايتري ۾ راڌا اچي چيو, ”ريڪا وينڌي آهين. ٿي پيرا ته تنهنجو پڇي ويئي آهيان. توڪان سواءِ ته پاڙوسڻيءَ پسو ٿيو پوي. پر مون کي تعبداءِ ته گهوٽڻ جي مل ۾ هڙتال اجا پوري ڪانه ٿي آهي ڇا؟“
ريڪا ڪرسيءَ تي ليٽيءَ جواب ڏنو, ”اڄ ته اخبار ۾ پڙهيم تعمبئي ۾ ڪپڙي وغيره جي ڪيترين ملين همدرديءَ طور هڪ ڏينهن هڙتال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.“
راڌا اڪيون ڦاڙي چيو, ”ايترين ملين بند رهنديون ته ڪپڙو ڪين مهانگو ٿيندو؟ ديس کي ته ان مان وڏو نقصان رسندو. مزدورن ديس جو ته خيال رکن. ڪين رڳو پنهنجي پگهار جي اچي لڳي اٿن.“
ريڪا کان ٺهڪ نڪري ويو. چيائين, ”دادي, تون ته هاڻي وڏي ديس ڀڳتڻ ٿي ويئي آهين. پلا مون کي تعبداءِ ته ديس جي خيال رکڻ جو ٺيڪو فقط مزدورن ئي کنيو آهي ڇا؟ سرڪار ۽ مل مالڪ جڻ اڻ پڙهيل جٽ آهن, جن کي ديس جي اپت جو ذرو به اونو نٿو ٿئي. ڪيترين ملين بند رهڻ ڪري جو لکين رپين جو نقصان ٿيندو, سو مالڪ سهڻ لاءِ تيار آهن باقي بازن جي پورهئي ڪندڙن کي پيٽ پري کائڻ جيترو پگهار ڏيڻ لاءِ به تيار ناهن.“
راڌا پهرين ته لاجواب ٿي ويئي, مگر سڌو سنواٽو هار مڃڻ ڪيس نه ٺهڙي. چيائين, ”ريڪا جنهن انسان کي ڀڳوان جنهن درجي ۾ پيدا ڪيو آهي ان کي ان درجي ۾ئي شڪر ڪري هلڻ کپي.“
اهڙي جواب تي اڳ ۾ ته ريڪا چپ رهي ها, پر هاڻ سندس شعور گهڻو وڌيل هو. سندس دل ايتري وشال ٿي پيئي هئي, جو هر انسان جا ارمان ۽ حسرتون جڻ سندس جسم جو هڪ انگ ٿي پيا هئا. دکي ٿي چيائين, ”دادي اسين ڪيترو نه نيچ ٿي ويا آهيون بين ۾ ۽ پاڻ ۾ ڪيترو نه انتر ٿا سمجهون. ڇا غريبن ۽ ڪامگارن وٽ اسان جهڙو ساهه ناهي؟ پرميشور کي پتا

چوندي شرم نٿو اچي، جڏهن هنن کي اسين پنهنجا ٻچڙا نٿا سمجهون؟ اسين هنن جي دک کي حيوانن وانگربي حس ٿي ڏسون. ڇا اهو اسان جي انسانيت تي ٽڪو نہ آهي؟" چوندي چوندي ريکا جي اکين ۾ آنسو تري آيا.

راڌا چيو، "ڪنوار، تنهنجي انهن ڳالهين تہ موهيو اٿر نہ. ڇوان تہ گهڙيون جيڪي ٽڪاڻي ۾ وڃان، اهيءَ جيڪر تو وٽ اچان تہ چڱو."

چندن ٿلهي تيءَ بيهي دريءَ ڪان سڀ ڪجهہ ٻڌي رهيو هو. دلئي دل ۾ چيائين، "سهڻي گل ۾ جڏهن خوشبوءِ اچي وڃي ٿي، تڏهن ڪيترو نہ پيارو ٿو لڳي." هو هڪ ڊگهو ساهہ کڻي آڪاس کي ڏسڻ لڳو.

هيري، راڌا ۽ ريکا کي پنهنجيءَ بحث ۾ ڇڏيءَ ٻاهر اچي چندن کي چيو، "اڄ گگن سان لگن لڳي ويئي اٿيئي ڇا، چندن؟"

چندن هڪ ڦڪي مرڪ ڪڍي، هيري کيءَ ٻانهن کان وٺي پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. ڪيتري دير تئين ٻئي گهڻينئي ڳالهين تيءَ بحث ڪندا رهيا تہ ريکا اچي چيو، "اسان پاڙي ۾ راڳ سيکارڻ جو ڪلاس کوليو آهي. پر ڇوان پيئي اتي اهڙا راڳ سيکاريا وڃن جن ۾ جذبو هجي، نئون خيال هجي، رواجي راڳ وانگر لولي ڏيئي سمهاري نہ ڇڏين، پر جاڳائين."

چندن چيو، "تو جهڙي آرزو رکندڙ انسانن جي هڪ سنستا "انڊين پيپلس ٿيٽرس ايسوسيئيشن"بمبئي ۾ ڪم ڪندي آهي. ان جي ٿاهيل راڳن، ناٽڪن ۽ ناچن ۾ ڪلا ڌاران انسانيت جي شيوا ڪرڻ جو نئون پيغام آهي، سياڻي هلندينءَ؟" ريکا چوڄ مان چيو، "ڇو نہ هلنديس." هيرو دل ۾ سوچيندو رهيو، "هوءَ ڇوديواريءَ کانٻاهر نڪتي آهي ۽ خوب نڪتي آهي."

(13)

"ريکا پيڻ، اٿي جوت تہ جاڳاءِ، هھڙي اونداهہ ۾بہ ڪتاب اکين تي رکي ويٺي آهين." راڌا اندر گهڙندي چيو.

ريکا اٿيءَ بتيءَ ٻاري ۽ چيو، "دادي، اڄ تہ بتيءَ جي روشنيءَ بہ موڳي پيئي لڳي."

راڌا ڳچيءَ ۾ پلئہ وجهي اتيئي سنجها ڪرڻ لڳي. ريکلبي مطلببتيءَ تي ڦرندڙ پتنگن کي ڏسندي رهي. هن جي اکين اڳيان صبح واري واردات ڦرڻ لڳي. هوءَ ان وقت نوڪريءَ تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيءَ بيٺي هئيءَ ٻتوڻئين ۾ رومال ٻڌي وٺئين تہ ٺئين محسوس ٿيس، ڄڻ ڪنهن جون نظرون سندس اڇن اڇن هٿن کي ڇهي رهيون هيون. ڪيس ان ڇهاءَ ڪنهن وسريل ڳالهہ

جي ياد تازي ڪرڻ ۾ مدد ڏني. پلڪون مٿي ڪري انهن نظرن کي ڏسڻ جي ڪوشش ۾ هئي ته ٻاهر ڪنهن آواز ڪيو. ”مسٽر چندن“ هڪ قداور پوليس آفيسر اندر گهڙي آيا. هڪڙي چيو. ”مسٽر چندن، نسروانجي مل ڪامگار يونين جو جوائنٽ سيڪريٽري، توهان کي مل ۾ غير قاعدي هڙتال ڪرائڻ ۽ مزدورن کي ڀڙڪائڻ جي ڏوهه هيٺ گرفتار ڪيو ٿو وڃي.“

پاڙو اچي مڙيو. ريڪا ڪجهه گهوماتي، ليڪن چندن تي ڪوبه اثر نه ٿيو. پوليس وارن گهر جي تلاشي وٺڻ شروع ڪئي. ڪتابن کي زمين تي اڇلي ڪمري جي وچ ۾ ڍير ناهي ڇڏيائون. گوپ وسي ٿيل شڪل ڪري اچي ريڪا کي چيو. ”پاپي، جن ڪتابن کي پيءُ ساهه کان وڌيڪ سانڍيندو آهي، تن کي ڪيئن ڪري پٽ تي ڦٽو ڪيو اٿن“ راڌا ته ڪڙي ڪندي اچي پوليس وارن کي چيو هو. ”تم ڪيون اسڪو پڪڙتا هئه؟ يه آدمي توبهت سچار هئه. ڪسڪي چوري ڪرنا تو اسڪا شان نهين هئه. پوليس آفيسر هن ممتا ڀريءَ پڪار کي به ڌيان ڪونه ڏنو.

چندن پوليس وارن سان گڏ ويندي، هڪ اهڙي پيار ڀري نظر ريڪا ڏي اڇلائي هئي، جنهن کي هميشه اکين ۾ رکي ڪيتري دير تائين هو سڀني کي ڏسندي رهي.

راڌا سنجهان پوري ڪري ريڪا کي چيو. ”تون ڇو ڳڻتين ۾ وڃي آهين؟ تنهنجو گهوٽ ته حق طلبيندي جيل ويو آهي، ڪا چوري چڪاري ٿوروئي ڪئي اٿس. اڄ ڪلهه هيڏڙا سنڌي ڇوڪرا جو وڃي ريلن ۾ ڪٽمنڙا، ڦٽوتا وڪڻندا آهن، اهي ڪونه ٿالهه تي ٿي ڏينهن جيل مان ٿي اچن؟ ڏس ويني، ڪيئن نه سنجها جو سڀئين، ڪير جو ڪير، پاڻيءَ جو پاڻي ٿو ڪري.“

ريڪا منڙي مرڪ ڪري چيو. ”راڌا دادي، تون ته جهڙي منهنجي پيڻ سيلونتي. پر مون کي سندس جيل وڃڻ جو ته ذرو به ڏک ڪونهي، رڳو هن ڪانسواءِ گهر ڏاڍو ماٺڪو پيو لڳي، ڄڻ هوا ڪيءُ هن گهر ۾ گهٽندي شرم پيو اچي.“

”ڪڏهن تائين اڪيلي گهر ۾ رهي جو ڪين آهين. اڄ رات جو مان اچي تنهنجي گهر سمهنديس.“ اهو آئت ٿيئي، راڌا نڪتي مس ته گلابراءِ ماءُ ۽ زال کي وٺي اچي پهتو. چيائين، ”مان ته اصل کان چندن کي چوندو هئس، اهو هيئن لاءِ مرڻ ڇڏي ڏي. دنيا آهي چورن جي پاڻ به عيش وٺو آهي ته چور ٿي رهڻو پوندو. الٽو هو پاڻ مون کي پيو وعظ ڪندو هو. ماڻهو پنهنجو خيال نه ڪري ته پنهنجي روپونتيءَ جو ته قدر ڪري.“ گلابراءِ ائين چوندي هڪ اهڙي ترڇي نظر سان ريڪا طرف ڏٺو جو ريڪا ڪي به ڇان اچي ويئي.

ديويءَ چيو. ”اهڙي مڙس مان، زال جي ته نيت اڙي.“

”ائين ته ڪونهي.“ ريڪا چيو.

ديويءَ تمبڌوميہ ڪين. هوءَ پنهنجي ٺهڪٺهڪندي ساڙهيءَ کي ناهڻ ۾ مگي پوري هئي.
ماءُ چيو، ”ويچارو ڪيئن جيل ۾ گذاريندو.“ وٺي جي ڪنڌ کي ڳنيپڌندي چيائين، ”گرو، پنهنجا ڪٺاه ڪٽج. منهنجيپچڙي جلبند خلاص ڪجملا سچ چيو اٿن تہ ماءُ جٽيندي پٽڙا، پاڳ نہ ڏيندي وندي.“ وري گلاب کي چوڻ لڳي، ”هاٽي پٽ ڪوملو پيٽي ڪري مون کي چندن چٽڻ ڏي.“
ريڪا وچ ۾ مٽي چيو، ”امي گهٽا ڏينهن جيل ۾ رکي ڪونہ سگهندن. چو تہ بين ملينمہ همدرديءَ طور هڙتال ڪئي آهي. مزورن جي ايڪتا اڳيان مالڪن کي جهڪڻوئي پوندو.“
سيئي جڏهن گهر روانا ٿي ويا تڏهن گوپ چيو، ”پاپي ڏک تہ هنن جي پنرن تيمہ ڪونہ ٿي ڏٺو. رڳو آيا هئا ديکان ديکي ڪرڻ.“
ريڪا گوپ جي مٿي تي هٿ ڦيرائي چيو، ”تون نٿو چاهين تہ تو وٽمہ شيام وانگر نوان ڪپڙا هجن؟“
”پاپي، چاهي تہ هرڪو ٿو پر جڏهن هزارن لکن ماڻهن کي مون ڪانمہ خراب ڪپڙا ٿا ملن، تڏهن مان فقط ڪپڙن جي لالچ تي تو وٽان هليو ويندس ڇا؟“
ريڪا مٿس مامتا پري نظر وڌي تہ گوپ چيو، ”پاپي تون مون کي ڇهين انگريزيءَ ۾ اجلپار پيئي سمجهين. تنهنجي نظر ۾ تہ ڪڏهن وڏوئي ڪونہ ٿيندس جو سٺي جيون ۽ گندي جيون جو فيصلو ڪري سگهان.“
ريڪا من اچل سان چيو، ”چو نہ وڏو ٿيندين. تو ۾ تہ مون کي لک اميدون آهن.“ ۽ پرسن چت سان وچي پنهنجي ڪرت کي لڳي.
ريڪا رات جو واندي ٿي تہ ڪتاب ڪٽي وچي آرام ڪرسيءَ تي ويني. دلئي دل ۾ سوچيندي رهي، ”سندس جيل وڃڻ کان ٿورا ڏينهن اڳ منهنجي زندگيءَ ۾ هڪ عجيب مناس شروع ٿي ويو هو. انهن ٿورن ڏينهن اندر هن ڪئين پيرا مون ڏانهن مرڪندڙ نگاهہ سان ڏٺو هو. هڪ پيري تہ نظرون ملي وڃڻ تيلڪينمہ محسوس ڪيم، گويا هو پڇي رهيو هو، ”اجلبہ اسين هڪٻئي کان دور دور چو آهيون....؟“ پر يڪدم منهنجي دل چيو هو، ٻس ايتري ۾ ڍرڪي ويئينءَ.“
هوءَ يڪدم اٿي ڪڙي ٿي. ڪنڌ کي اهڙو جهٽڪو ڏنائين، جو مٿس ڪيهہ جا ذرڙا اٽڪيل هجن ها تہ اهيمہ وچي پري پون ها. هوءَ ڪتاب کولي پڙهڻ لڳي تہ مٿان راڌا اچي چيو، ”تون تہ اج

ننڍڙي ڪانءَ ڪري سگھنديون، گھوٽ ڪان جدا جو ڪين رهي آهين. سڄي رات شايد اکيون ڪانءَ لڳنديون"

"۽ دادي تون ڀي تہ اڄ مون وٽ سمهنديئن ۽ تنهنجي ڀي تہ اک ڪانءَ لڳندي" ريڪا کلڻ لڳي.

"نہ ٻابا، مون تہ وهاڻي تي ڪنڌ رکيو ناهي تہ کونگھرا شروع ٿيا ناهن ٻاقي منهنجي گھوٽ کي سو دير سان ننڊ ايندي" چوندي چوندي راڌا شرمسار ٿي ويئي. شرمسار ٿي وري کلڻ لڳي. ريکا منهن ڦيري ڪتاب ۾ هٿي ڇڏيو. سندس آگرين جون پچاڙيون ڀي جان پني تي ڦري ڦري، ڪيس رڳن ۾ ڪجھ درد جو احساس ڪرڻ لڳيون.

(14)

سگڙيءَ ۾ ڪوئلن مان ٻاڙهي ٻاڙهي ٻاهر پئي نڪتي. چندن روتيءَ جو انتظار ڪندي هٿ پئي سيڪيا. سيارو تہ اڃان شروع ڪونہ ٿيو هو پر ٻرسات جي پڇاڙيءَ وارن وسڪارن کان پوءِ اوچتو ٿڌ شروع ٿي ويئي هئي. چندن کي اڄ پوري هفتي کان پوءِ جيل مان رهائي ملي هئي. هو بلڪل خوش هو. هڙتال ڪاميابي سان پوري ٿي هئي. مزدورن جون سڀ گھرون ٻنون، پگھار ۾ مهانگائي ڀتي ۾ واڌ وغيره سڀ قبوليون ويون هيون.

ريکا ڪاڌي جي ٿالهي اچي اڳيان رکيس تہ چندن کي جيل جي ٿلهي روٽي ياد اچي ويئي، ۽ ان سان ڪجي آيس. ڪاري ڪوٺڙيءَ ۾ آيل يادگيرين جي ياد- انهن يادگيرين جي افق تي هڪ پيري ڏکهين آگرين واري رمٽيڪ استري بہ ملي هئي. چندن پڇيو هو. "تون ڪير؟" هن نيلي آڪاس تي لکيو هو. "پنهنجن پيرن تي بيٺل آزاد عورت" رات جي وڳڙي ۾ هوءَ نازڪ ڪمر ٻيٺي ڪري، ڪتلين تي نور نچوئي رهي هئي. چندن پڇيو هو. "تون ڪير؟" هن رجنيءَ جي ڪاري چنيءَ تي لکيو هو. "علم ۽ سوجھري لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ عورت" پريات جا سونهري ڪرڻا جڏهن جيل جي ڪڙڪيءَ مان آيا هئا، تڏهن چندن جي ياد ۾ هڪ روپ راڻيءَ وڏين وڏين اکين جا چپر کولي، سندر مُنهن پسايا هئا. چندن پڇيو هو. "تون ڪير؟" هن پريات جي گلابي آڪاس تي لکيو هو. "پنهنجي جيون جوتيءَ سان پنهنجي همر جنس کي جاڳائيندڙ عورت" ان مهل چندن ان چندر مکي ناريءَ جي آڪار کي چمي انجام ڪيو هو تہ آزاد ٿيڻ تي توکي پنهنجين ٻانهن ۾ پڪڙي چوندس، "هاڻي دور نہ رهي سگھنديئن منهنجي پشپ"

ريڪا پاڻي جو گلاس کڻي اچي ٻيني- چيائين، "هي چا؟ اڃا هڪ ٻہ گرهہ نہ کاڌو اٿو" چندن خواب واري ريڪا کي حقيقي صورت ۾ سامهون ٻيٺل ڏسي بيخبري ۾ کلي وينو ۽ ڪنڌ کڻي هيٺ ڪيائين.

ريکائنءَ پاڻ کي روڪي نہ سگهي، هو ساڙهيءَ جي پلئہ ۾ پنهنجن چپن تي رقص ڪندڙ مسڪراهٽ کي لڪائي رنڌڻي ڏانهن هلي ويئي.

چندن ڪلئي اٿيو تہ خالي ٿيل ٿالهي کڻي رنڌڻي ڏانهن ويو. پر گوپ ۾ ريکا کي ڳالهائيندو ڏسي هڪ منٽ لاءِ بيهي رهيو. ريکا ٺئي مان ماني ڪڍڻ ۾ رڌل هئي. گوپ ويٺي چيو، "پاپي، تو جيڪو پاڙي ۾ سنگيت ڪلاس کوليو آهي نہ، اتي جيڪي راڳ سيکاريا اٿيئي، اهي سيني کي ڏاڍو وڻن ٿا. اصل سڄي پاڙي جي گهرن ۾ پيا گونجن. اسين هڪ نندو جلسو ڪرڻ ٿا چاهيون، تون اهڙئبيا گيت سيکاريندينءَ نہ؟"

"ڇو نہ."

چندن سڀ ڪجهہ ٻڌو. منئي من ۾ چيائين، "عورت ترقيءَ جي راهہ تي ڏاڍو ڏکيو قدم وڌائي ٿي، مگر جڏهن هلڻ شروع ڪري ٿي، تڏهن وڏيون وڏيون وکون کڻندي اڳتي وڌي ٿي." هن وڌي رنڌڻي ۾ خالي ٿالهي رکي ۽ ريکا کي چيو، "اڄ مان سويلئي سمهندس ان ڪري ڪير سويلئي منهنجي ميز تي رکي ڇڏج."

"چڱو...."

"تون ڪيڏي مهل سمهندينءَ؟"

"مان تہ 12 کان اڳ سمهي نہ سگهنديس."

"ڇو؟"

"سڀاڻي اسان جي استري منڊل ۾ هئين سماج ۾ استريءَ جو درجو وشيہ تيبحث مباحثو آهي، ان لاءِ ڪجهہ تياري ڪرڻي اٿم."

چندن وڃي پنهنجي ميز تي اخبارون اٿلائڻ لڳو. ريکا رنڌڻي مان واندي ٿي وڃي پنهنجي کٽ تي ويٺي.

گهڙيال ڏهن جا ٺڪاءَ هنيا. چندن اٿي پنهنجيبستري تي وڃي ويٺو. ريکلئہ اوباسي ڏئي اٿي بيٺي. گوپ جي سوڙ ٺاهي، رنڌڻي مان ڪير جو ڪوپ ڀري وڃي چندن جي ميز تي رکيائين. بتي جي روشنيءَ ننداکڙي ريکا کيبهڪائي ڇڏيو هو. چندن هن روپ کي ڏسي مگن ٿي نهاريندو رهيو. ريکا خوبصورتيءَ کي اکينئي اکين ۾ پي وڃڻ واريون چندن جون نظرون پنهنجي چهري تي محسوس ڪيون، تہ پاڻيائين تہ پيرن مان استرتا گم ٿي رهي آهي.

در تي کڙڪو ٿيوبئي ڇرڪي ويا. "هن مهل ڪير هوندو." ريکا در وٽ اچي ڏڙڪندڙ دل سان پڇيو، "ڪير آهي؟"ٻاهر گهٽن ماڻهن جي آهٽ هئي. ليڪن هڪڙي نندڙي آواز چيو، "ليڪا

پاپي، مان آهيان.“ ۽ ريڪا جي دل اچلجي پيئي- امالڪ در ڪولي سندر ڪي ڪٽي چاتيءَ سان لڳاياڻين. گل ماءُ اڌم مچائيندي اندر گهڙي، ”پٽ، ستيلڻي ناس ٿي ويئي، پاڻين جو ته حال ڏس، ڇا ٿي ويو آهي. ريڪا ڏيءَ، گلاب لاءِ هنڌ ته ناهي وٺ. پٽ، ڪهڙيون توسان ڳالهيون ڪريان، جان ٿئي جلي ويئي اٿم...“

ماءُ کي سهڪندو ڏسي چندن پاڻيءَ جو گلاس پري آيو. پر سندس اڏول چهري تي هراس جو ڪوبه نشان نه هو. ريڪا جا ته هٿ پيرئي ٺري ويا هئا. مشڪل سان هڪ ڪٽ تي هنڌ پٿاري اچي سس جي پر ۾ ويٺي. ديويءَ جو سهارو وٺي گلابراءِ ڏيري ڏيري هنڌ ڏانهن وڌڻ لڳو.

ريڪا ڏير کي ڏسي وڌڙي ٿي ويئي. دل ۾ چوڻ لڳي، ”هيڏي ڏيا وارو گلابراءِ اڄ ايترو ڪمزور ٿي ويو آهي جو فقط بستري تائين محدود ٿي ويو آهي، سندن سهاري جي هلي نٿو سگهي.“ هن جا پيلا پيلا هٿ ۽ ڇڻ ماهه جي جيئيءَ سان لهساتيل ڪاري شڪل ڏسي ريڪا جي اکين ۾ آنسو پرجي آيا. ٿوري وقت لاءِ گهر ۾ مڪمل سانت لڳي ويئي. گلابراءِ بستري تي ويهي سهڪندي سهڪندي ڳالهائڻ لڳو، ”چندن سپاٽيءَ ضبطي نڪرندي، منهنجي ڪولابا واري گهر جو سڀ مال اسباب ڪورٽ ۾ پهچي ويندو ۽ پوءِ نيلام...“ هو وڌيڪ اکر زبان مان ڪڍي نه سگهيو ۽ پاڻيءَ لاءِ اشارو ڪري ليٽي پيو.

ديوي ٿاهه ٿاهه ڳوڙها ڳاڙيندي چيو، ”دادا، هڪئي ڏک سان بيماري ٿي پياسين.“

ماءُ اکيون اگهي چيو، ”پٽ، ريشم جي گهٽا وڏيءَ ۾ منهنجو گلاب ويچارو ڇيڇي ويو آهي. شل گرو ڏينهن ڏئيس. اهڙي حالت ۾ توکان سواءِ ڪٽي وٺي وڃانس ٿا، پنجن ڏينهن کان ڊڪ ڊوڙ ڪئي اٿس. اڄ شام تائين ويچاري پيئي هلنديءَ وارن تائين پنڌ ڪيا. جڏهن وس نه هلي سگهيس، تڏهن اچي اوندي منهن پلنگ تي ڪريو آهي. هاڻي ته اٿس رڳو اٺ ويهه ۽ گهڙيءَ گهڙيءَ پاڻي کپيس.“

ان کان پوءِ ڪيتري دير ڪمري ۾ شانتي رهي. گلابراءِ کي اک لڳل ڏسي ماءُ سيني کي چيو، ”وڃي سمهو، توهين به اک لڳايو. مان ويٺي آهيان.“

”اڌي رات جو چندن جي اک کلي ته ماڻس سندس ڪمري جو دروازو کڙڪائي چئي رهي هئي، ”چندن پٽ، جلدي اٿي اچُ، مان ته مري ويئي آهيان.“ چندن پاءُ وٺ اچي ويٺو. ديوي ۽ گلاب ماءُ جون شڪليون بلڪل گهوماٽيل هيون. گلابراءِ جي پيشانيءَ تي پگهر جا ڦڙا نمودار ٿيا هئا، جڻ ڪا سخت هڻ پڇاڙ ڪئي هئائين. سندس دم اجايه تڪڙو تڪڙو هلي رهيو هو. پاءُ کي يڪدم بنهي هٿن سان جهلي سهڪي سهڪي چوڻ لڳو، ”چندن، ههڙو خواب مون ڪڏهن ڪونه

ڏٺو هوندو....“ ماءُ وچ ۾ مٽي وسميءَ پريل ڇهري سان ڇيو، ٻڙي، رڙيون وٺي ڪيڪيئين، منهنجو ته ساهه ئي سڪي ڇڏيو اٿس....“

گلابراءِ چوندو هليو، ”چندن، اٿاهه سمنڊ هو نڪا ڏني ڪنڌي. مڇيون جي هيون سي اصل ٿيهه ٿيهه فوٽ ڊگهيون، ننڍيون مڇيون بي بيشمار هيون. مون ڏٺو ته مان وچولي قد جي مڇي ٿي پيو هئس ۽ پاڻي پيئندو ٿي ويس. ان ۾ ڪي ننڍڙيون ننڍڙيون مڇيون به ڳڙڪائيندو ٿي ويس، جي ڦٿڪي منهنجي پيٽ ۾ سانت ٿي ٿي ويون. پر منهنجي مرضي هئي ته مان وڏي ۾ وڏي مڇيءَ جيڏو ٿيان. ان ڪري ئي ڪلهه ڳالهه نٿي سمجهيم. اوچتو هڪ وڏي مڇي مون ڏانهن وڌندي آئي. مان ڀڄندو رهيس. پوءِ ته ٻين وڏين مڇين جي به مون تي نظر پئجي ويئي. ساهه بچائڻ لاءِ مون ساگر جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ اٿل آڻي ڇڏي. خوب گرجنا ٿيڻ لڳي. لهرون مٿي مٿي آڪاس تائين وڃي وري ڌڙام ڪري پاڻيءَ جي سطح تي ٿي سٽجي پيون. هيڏي گوڙ گهمسان ۾ به وڏين مڇين جون اکيون مون کي گهوريندیون رهيون ۽ مان تڪرندو رهيس، ڀڄندو رهيس. هو هڪ ئي ڇلانگ سان منهنجي بلڪل ويجهو پهچي ٿي ويون. ڪيتري دير اها ويڙهه چالو هئي. نيٺ هڪ وڏيءَ مڇيءَ منهنجي اڌ حصي کي وات ۾ ڳڙڪائي ڇڏيو. مون خوب رڙيون ڪيون، واڪا ڪيا. ننڍين مڇين ۾ ٺهڪڙو مچي ويو ۽ مان تپي لوهه ٿي ويس. پر وڏي مڇيءَ جي ٺهڪندڙ پيٽ ۾ وڃڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چاڙهو ئي نه رهيو. منهنجو روم روم ڪڙو ٿي پيو. موت سامهون هو ۽ مان ڦٿڪي رهيو هئس ته اک کلي پئي. چندن منهنجو هڏ هڏ پيو سور ڪري، سمجهان پيو ته مون پاڻ بچائڻ لاءِ ڏاڍي جفاڪشي ڪئي آهي.“

ريکا ٽوال کڻي آئي ۽ چندن پاءُ جي نرڙ تان پگهر اگهي ڪيس ليٽائي ڇڏيو. چيائين، ”پيءُ، شاهوڪار شاهي سماج جو نمونو اهو آهي. ننڍا واپاري ڪيڏو به پاڻ بچائين پر ڪين ڪن ڳاڻ ڳٽين لٽيرن جي پيٽ ۾ وڃڻو ئي آهي ان ڪري ئي توکي چيو هوم ته هن سماج کي بدلائڻ لاءِ ننڍن واپارين کي به مزدورن، هارين ۽ ڪلارڪن جي هلچل سان ساٿ ڏيڻو پوندو.“

هونءَ ته گلابراءِ جيڪر چئي ڏيئس ها، ”مار گولي تنهنجي ان ڪميونزم کي.“ پر اڄ چندن جي ڳالهه کيس هڪ اکين ڏٺي حقيقت ڀاسڻ لڳي. ڊگهو ساهه کڻي چيائين، ”ٻاهه لڳي ان شاهوڪارشاهي کي. سڄي جوانيءَ جي بازي لڳائي، جنهن ڏاڪڻ تي چڙهيس پئي، سا ائين ڪري پيئي جو بيٺ به ڪانه پيئي.“ گلابراءِ مٿي کي هٿ ڏيئي ويهي رهيو. پرڀاتي ڪرڻن بتيءَ جي روشنيءَ کي جهڪو ڪري ڇڏيو.

هئي. اٽيورو ڪاٺو ملڻ ڪري هڪبئي جا گرهه ڪسيندا هئاسين. تڏهن به خوب چڪري لڳندي هئي. گوليون، لغڙ، ڪپڙا ويندي اسڪولي ڪتابن لاءِ اسان کي زندگيءَ سان لڙڻو پوندو هو. جيستائين ڪه اها جهاد اسان جي رڳ رڳ ۾ سمائجي ويئي. اسڪولي جيوت ۾ وري ان جهاد دماغي روپ ورتو. مان پهرين نمبر اچڻ لاءِ بازي لڳائيندو هئس ۽ گلاب جو مون ڪاٺ بدن ۾ سگهارو هو. سو وري ويڙهو چوڪرن جو سردار ٿي پيو ۽ ان ڪان پوءِ هڪ اهڙو واقعو پيش آيو، جو اسان جو رهيو کهيوبهاراٽو هوش به هڪئي ڏک سان اڏامي ويو." چندن ماٺ ٿي ويو. پراڻيون ڳالهيون ياد ڪري سندس چهري تي غم جون گهٽائون ڇانئجي ويون.

کن رکي هن وري چوڻ شروع ڪيو، "هڪ رات جو اسان جي گهر ۾ ان ڪٽوبه ڪونه هو. امان چانور اڌارا وٺي ڪچٽي ناهي هئي. پرمبئي ڏينهن گلاب اسڪول مان موٽيو ۽ ڪاڌي لاءِ رنڌڻي ۾ ويو ته ڪجهه به هٿ نه لڳس. هو مون سان وڙهڻ لڳو. چي: راتوڪي بچيل ڪچٽي چو لڪئي چڏيئه؟ اسين ڪتن وانگر وڙهياسين. گلاب جي خميس ڦاٽي پيئي. هڪئي خميس هئس، جا هو روز اسڪول پائي ويندو هو. ڪيس ايڏا خار لڳا جو اگريون گول ڪري، ننهن جو چنبو ناهي منهنجي اکين ڪيڻ لاءِ وهائي ڪييائين. پر وار گسي ويو ۽ هيءَ اک جي هيٺيان نشان ٿيئي، اڄ ان جي باقي يادبڻجي رهجي ويو آهي."

ريکا جهڪي ڏٺو ته چندن جي اک هيٺان ڳلي تي هڪ ڪڙيل ماس جو نشان اجلبه موجود هو. چندن چيو، "اسين هڪبئي کي انڌو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئاسين. مگربک اسان کي انڌو ڪريئي ڇڏيو هو. ڪٽ جي پائي وٽ ڪريل امان جو سرير ٿورو چريو ۽ مان پنهنجي گهاءَ کي پلجي ويس. اکيون ڦاڙي ڏٺم امان جي مغز مان رت جو ڦوهارو وهي وهي ڪٽ جي پائي جي چوڌاري ڍبو ناهي رهيو هو. اسان کي خبرئي نه پيئي هئي ته ڪيڏي مهل هوءَ اسان کي ڇنڊئيندي ڇنڊئيندي، اسان جي ڏکن جو شڪار ٿي پري وڃي ڪري هئي. هوءَ رات جو ڪيتري دير تائين بيهوش رهي. اسانبنهي اها راتبيقراري ۾ گذاري. اسانبنهي پئرن خوب رنو. اڪيلو رنوسين، امان کي چنبڙي رنوسين ۽ نيٺ هڪبئي کي گلي ملي رناسين." گلاب چيو، "امان چاڪ ٿيندي ته مان توسان ڪڏهن ڪونه وڙهندس." مون سندس ڪلهي تي هٿ رکي چيو، " اسين غريب آهيون، تڏهن ته ايترو وڙهون ٿا." گلاب چيو، "هن کان پوءِ ڏسج مان چوري ڪندس ڌاڙو هڻندس، چلبه ڪندس، پر غريب نه رهندس. پاڙي جي هڪ شاهوڪار کي وڃي نوڪريءَ لاءِ ليلايئين ۽ هن به کيس پنهنجي ولائت واري دڪان تي موڪلي ڇڏيو. اتي سندس

چندن ريڪا جو گلابي هٿ ڪٽي پنهنجن چپن تي رکيو.

ريڪا سوچيندي رهي، ”جنهن سوال منهنجي دل کي سالن کان پراڻي جڳهه جي ڪوئي وانگر ڀئي ڇڪيو، ان جو جواب ته ماضيءَ جي پردي ۾ ويڙهيو رکيو هو“ چندن ڪيس چڪي ڪٽي چاتيءَ سان لڳايو. ريڪا گود ۾ منهن ڇپائيندي چيو. ”مون ته سمجهيو هو ته تو وٽ دل ئي ڪانهي.....“

چندن پتنيءَ جو ڇهروڀنهي هٿن ۾ جهلي سوال ڀري مرڪ ڪٽي ڏسڻ لڳو. ريڪا شرمائجي چيو، ”مگر هاڻي....“ ۽ لڄ ۾ لال ٿي ويئي.

چندن دهرايو: ”مگر هاڻي؟“

”مگر هاڻي سمجهان ٿي ته تو وٽ به دل آهي..... ۽ هڪ سني دل“